پيغام ضيا


چوند رچنائون

رچيندڙ : پرسرام ضيا

پرڪاشڪ
ضيا ساهتيہ مالها، سنڌونگر 3 ٽيليفون - 549027 (11

Zia

شاعرن جي سرتاج شري پرسرام ضيا جي شاعري جي سُرهاڻ



”پيغام ضيا“

(خاص ضيا صاحب جون ڪجهه چونڊ اڻڇپيل رچنائون)

سڀ حق واسطا قائم - ڳڻا فقط ۲۵ رپيه - جون ۱۹۹۹

پرڪاشڪ:- ضيا ساهتيه مالها

بلاڪ 1085 - اوني سيڪشن

پرسرام ضيا روڊ - سنڌونگر - 421003

ٽيليفون نمبر - 549027.

''حال حقيقت''

پرڪاشڪ طرفان

ڪافي عرصي بعد هيءُ ڪتاب 'پيغام ضيا' شايع ڪندي اسان کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي. ضيا صاحب پاڻ جدا جدا تخلصن ۽ نالن سان اُن وقت جي حالتن سان ٺهڪندڙ سنڌي سماج ۾ جاڳرتي آڻڻ لاءِ رچنائون ۽ شعر لکندا هئا جنهن ۾ خاص مزاقي شعر ''سوٽائي'' - ''سپاهي'' ۽ ''دهلاري'' جي نالن ۾ قابل داد آهن. اُهي اُن وقت شايع ٿيندڙ روزانو سنڌي اخبارن ۽ مُدتي شايع ٿيندڙ رسالن ۾ ڇپبيون هيون جيڪي اڄ بہ سنڌيت سان واسطو رکندڙ حالتن سان ٺهڪندڙ نت نيون لڳنديون آهن - سندس هر رچنا ۾ اهڙو تہ تاثير لطف ماڻڻ جو جذبو هو جو اُن وقت عام سنڌيت جا شيدائي انهن خبارن ۾ سندس رچنائون پڙهڻ لاءِ منتظر رهندا هئا ۽ ڪيس دلي داد ڏيندا هئا جنهن ڪري هو اُن وقت عوام جنتا جو شاعر هئڻ جو پد حاصلات جو اڌڪاري بڻيو! - انهن مان ڪافي انداز ۾ سندس اُهي رچنائون جدا جدا رواجي پنن تي لکيل ننڍين ڊائرين ۽ نوٽبوڪن ۾ ٽريل پکڙيل اسان وٽ اُهي سندس هٿ اکرين لکيل مؤجود آهن جيڪي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاء هن ڪان اڳ ڪجھ رچنائون فقط ضيا جي تخلص سان هڪ ڪتاب آلاپ ضيا جي نالي ڊاڪٽر شري ديال آشا جي سهڪار سان ڪافي سال اڳ اسين شايع ڪري چُڪا آهيون. اُن بعد ڪجھ سندن رچنائون ڪلام شعر جيڪي سنڌ ۾ سنگيت سمراٽ ماسٽر صاحب چندر پنهنجي مڌر آواز ۾

PAIGAM - E - ZIA

(Collection of Lyricks, Poems & Gazals)

POET : PARSRAM ZIA
PUBLISHER : ZIA SAHITYA MALHA
ADD. : BK 1085, O.T.SEC., P.Z.ROAD, SINDHUNAGAR - 421 003.
©. : 549027
D.T.P : SUPERCOMPUTER CONSULTANTS
ADD. : 105, KESWANI COMPLEX, NEAR NEW ERA HIGH SCHOOL, ULHASNAGAR - 421 003.
PRINTER : N.V. PRINTERS. PRESS BAZAR, SINDHUNAGAR - 421 003.
PRICE : RS. 25/- ONLY

(With Partial finacial halp from Induslan foundation, Delhi)

هن ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ انڊس انڊ فائونڊيشن دهلي وارن شري
ڻاڪر چاولا جي معرفت ڪجهه مالي سهڪار موڪليو آهي. تنهن
لاءِ اسين هن سنستا جي باني‌ڪارن جا تهدل شڪرگذار آهيون.
نارائڻ ضيا.

پوُمِڪا: سقراط جو قوُل آهي.

There Is only one good , that Is Knowledge.

There Is only one evil , that Is Ignorance.

ضيا، دنيا جي هڪ ئي سڀائيءَ يعني گيان جو پوُڄاري هو ۽ دنيا جي هڪ ئي بديءَ يعني اگيان جو وروڌي هو. انڪري مان ٻنان ڪنهن قسم جي هٻڪ محسوس ڪندي چئن ۽ صاف لفظن ۾ چوان ٿو ته ضيا جهڙا شاعر ۽ ضيا جهڙا انسان نصيبن سان ڪنهن جاتيءَ ۾ پئدا ٿيندا آهن. منهنجي دماغ ۾ اقبال جو اهو شعر جنهن جي پهرينءَ سٽ ۾ 'بينوري' ۽ ٻيءَ سٽ ۾ 'ديداور' لفظ ڪم آيو آهي هرهر گونجي رهيو آهي پر سچو شعر مان انڪري نه ٿو لکان جو اهو ڪئين شخص، ڪئين پيرا ۽ ڪيترين ئي حالتن ۾ لکي چڪا آهن.

ڪوتا ڪي، شاعريءَ کي ڪيترن ئي طريقن ۽ نمونن سان اِظهاريو ويو آهي ۽ ان جي بناوٽ، روپ، سينگار، هٿيارن ۽ طاقتن جو جدا جدا موني ۽ جدا جدا قسم جي مثالن سان ذڪر ڪيو ويو آهي. اڄ مان ڪوتا جي سامهون تنتر شاستر رکي ان جي وويچنا ڪرڻ چاهيان ٿو.

تنتر جا ڪئين نالا آهن مثال طور جادو، ٽوٽو - ٽوٽڪو، وِڇ - ڪرافٽ، ووڊو، جوُجوُ وغيره وغيره. جهڙيءَ طرح تنتر جي ڪاميابي جو سچو دارومدار تانترڪ جي دماغي شڪتيءَ تي رهيٽو ليڪ ان طرح ڪوتا ۽ شاعريءَ جي ڪاميابي شاعر جي

سنڌي سنگيت روپڪ سنڌي ۽ [illegible] ۾ ڳائي رڪارڊ پرايا هئا ۽ خوب سنڌيت جي شيدائن کي جهومائي جس حاصل ڪيو هو انهن مان ڪجهہ ڪلام شعر ڪجهہ سال اڳ هڪ ڪتاب ”گيت برهہ جا“ جي نالي ڇپائي شايع ڪيو ۽ اُهي هئي عام ۾ بيحد پسند پيا آهن.

ضيا صاحب هر رنگہ هر پهلو تي سنڌي سماج ۾ جاڳرتي آڻڻ ۽ عام جي پسندگي جي اون رکي قلم آزمايو آهي جيئن انهن جي سرهاڻ ماڻڻ لاءِ جدا جدا وشيہ سان لهڪندڙ پنهنجي ويچار ڌارا هيٺ پڙهندڙ لطف ماڻين.

هن ڪتاب جي رچنائن تي نظرثاني ڪري پوسڪا لکي ڏيڻ لاءِ اسين ساهتيڪار شري ”منوهر بيديءَ“ جا تهدل شڪرگذار آهيون. هن صاحب پنهنجي عالمائي ويچارن سان ضيا صاحب جي رچنائن تي ڪافي روشني وڌي آهي ۽ ڪتاب کي سهڻي نموني شايع ڪرڻ لاءِ قابلي ذڪر صلاحون ڏيئي اسان جي همٿ وڌائي، حوصلو بلند ڪيو آهي ۽ هن بعد بہ سندس هر طرح جو سهڪار نسوارٿ ملندو رهندو، اهڙي هن صاحب خاطري ڏني آهي. اسان کي وشواس آهي تہ ضيا جي شاعري جا شايق ۽ سنڌيت جا شيدائي اسان جي هن ڪاريہ ۾ دلچسپي وٺي پورن سهڪار ڏيندا - اسان جي هن ڪاريہ لاءِ ڪي بہ صحتمند رايا ملندا اُنهن تي اسين گهڻي شڪرادائي هيٺ يوگيہ ڌيان ڏينداسين.

باقي رهيل الڳبيل رچنائن کي عام جي پسندگيءَ سان لهڪندڙ چونڊ زمان حال حالتن جي مدنظر ڇپائي جلد شايع ڪرڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪنداسين.

شيوا ۾
نارائڻ پرسرام ضيا (پرڪاشڪ)

The history of man is the history of Magic.

مان مئجڪ جي بدران پوئٽري لکي چوندس ته انسان - ذات جو اتهاس ڪوتا جو اِتهاس آهي. ڪوتا اوتري ئي پراچين آهي جيتري انسان ذات. جنهن ڪلا جي ايتري لنبي ياترا هجي اُن ۾ ﻫﻪ بوندو جوڙڻ ﻫﻪ هڪ وڏيءَ همت ۽ صلاحيت جو ڪم آهي، ضيا ته ڪوتا ۾ گهڻو ئي ڪجهه جوڙيو. ان لاءِ ضيا جي ڪلام جو باريڪيءَ سان اڀياس ڪرڻ تمام ضروري آهي. مون کي بذات خود ضيا جي ڪلام ۾ ايترا ته اشارا مليا آهن جو انهن جي آڌار تي مان چئي ٿو سگهان ته ضيا سان وقت ۽ دنيا جي ڪجهه وڏيڪ وفاداري ڪري ها ته هوُ اهو سڀ ڪجهه لکي وڃي ها جنهن کي ٻيا شاعر اڄتي هلي فقط وڏيڪ خلاصو ڪن ها، وڏيڪ چٽو ڪن ها.

جيتوڻيڪ ڪوتا ۾ ڀاوَ تتو ﻫﻪ آهي، ٻڌي تتو ﻫﻪ آهي، ڪلپنا تتو ﻫﻪ آهي ۽ رچنا تتو ﻫﻪ آهي ته ﻫﻪ ڪوتا جي مڪمل ڪاميابي ان جي اجتماعي اثر يعني سمپورڻ پربڀاوَ (Total effect) تي رهي ٿي. مون محسوس ڪيو آهي ته ضيا جي اڪثر ڪوتائن ۾ سمپورڻ پربڀاوَ آهي. هن جون ڪوتائون دل و دماغ تي اثر ڪن ٿيون ۽ انهن جي ڪيل اشارن جي آڌار تي اسان ڪيترين ئي نين ڳالهين ڏانهن ڇڪجي وڃون ٿا. سوُلن لفظن ۾ چوان ته ضيا جو ڪلام شاعرن کي ڪجهه لکڻ لاءِ همت ﻫﻪ ڏئي ٿو ته رهنمائي ﻫﻪ ڪري ٿو. ضيا جي شاعري ڪلن ناهي پر سوُلي آهي.

دماغي ۾ جادو ئي طاقتن تي دارومدار رکي ٿي. دماغ جيترو حرفتبازين سان پريل هوندو ۽ دل جيترو حرفتبازيءَ کي جذبات جي رس ۾ ٻوڙي سگهڻ جي طاقت رکندي هوندي، کوتا اوترو ئي ڪامياب سمجهي ويندي. مان ان حقيقت کي هيئن به چئي ٿو سگهان ته ڪامياب ڪوتا اُها آهي جيڪا اسان جي يعني ٻڌندڙن / پڙهندڙن جي دماغ کي هپنو ٽائيزڊ ڪري ڇڏي ۽ دل مان جذبات جا ڦوهارا وَهائي ڪڍي. ٺهڪ ۾ ٽهڪڙا، اکين مان وهندڙ پاڻي، منهن مان نڪرندڙ واهه! واهه!ايا هاءِ! هاءِ!! مٿين ۽ حالت جا ثبوت آهن. پر جيڪڏهن ڪوتا ٻڌندڙ مذاق ۾ 'واهه واهه' ڪن ته سمجهڻ گهرجي جادوگر اجا ڪلا ۾ ڪچو آهي - وچي ۾ وچي ڪٿان ڏنڊ ۾ دونهون ڦهلائڻ جي ڪلا سکي اچي.

هڪ ٽانترڪ جو شروعاتي گفتو هوندو آهي،

"تون ڪافي عرصي تائين ڪنواري ڪنيا رهي چڪين ۽ هاڻي مان توکي De - Virginised ڪري رهيو آهيان!"

هڪ ڪوي پڻ ٽانترڪ وانگر ئي ڪلپنا ۾ اهڙي ئي ڀاونا رکي پني جي مٿان پنهنجي قلم جي ڇهنب جو ڦيريون ڇهائ ڪندو آهي. پر هو مٿي ذڪر ڪيل گفتي جي منهن ۾ هڪ لفظ ضرور جوڙيندو آهي. 'اي ڪلپنا!"

رولو اُهمت (Rollo Ahmet) پنهنجي مشهور پستڪ The Black Art (ڪارو جادو) ۾ لکيو آهي ته،

Project ڪريو. ان Projection کي ہني تي اُتارڻ لاءِ خاص لغظن جي چونڊ ڪري-انھن کي جملن ۾ تبديل ڪريو.

اِها سڄي دماغي ورزش ڪرڻ ڪانپوءِ به جيڪڏھن توھان ۾ طاقت، همت ۽ اُتساھ قائم رھي تہ انھن جملن کي ڪنھن ڇند يا وزن ۾ قيد ڪري پني تي اُتاريو. توھان ڏسندؤ تہ ڪوتا جي رچنا ٿي وئي آھي. اڄ ڪلھ ڇند - ھين ڪوتا به رواج ۾ آھي.

ضيا جو ڪلام پڙھو. اِھو سؤلو ڪلام توھان کي آنند به ڏيندو ۽ ڪجھ لکڻ لاءِ همت ۽ حوصلو به بخشيندو. ضيا جي مھانتا ان ۾ به آھي تہ ھن ميوا فقط پاڻ نہ کاڌا بلڪ ٻين لاءِ ميوادار وڻ پوکيندو به ويو.

ڪجھ ٻيو به..........

حاظ شيرازيءَ جي اُھا رُباعي جنھنجي پھرين سٽ آھي:
سيلاب گرفت گرد ويرانہءِ عمر مون کي خاص نہ وڻندي آھي ڇو تہ ان ۾ سمايل خيال کي مان خاص وزن ڪونہ ٿو ڏيان. ان ڪري مرزا غالب جو ھي شعر بہ فلسفي جي لحاظ کان مون کي پسند ناھي پر بندش واہ جي آھي ۽ طرز بيان زوردار آھي.

وہ بادہءِ شبانا کي سرمستيان کھان،
اُٿئي بس اب کِ لذتِ خوابِ سحر گئي!

حافظ جي رباعيءَ ۽ غالب جي شعر جو حاصل مطلب ھي آھي تہ: جواني وَئي، پيري آئي. عروج جو زمانو ختم ٿيو.

ان لاءِ هر ڪوئي ڪوتا لکڻ تي للچائجي وڃي ٿو. پر سؤلو لکڻ ڪيترو ڏکيو آهي اهو تہ اُهي ئي ڄاڻن ٿا جن سالن کان ڪوتا - ڪامني جي انگہ انگہ سان الڳہ الڳہ قسم جون رانديون ڪيون آهن. بهر حال، ضيا جي ڪوتا، نون شاعرن کي پڄائي ڪون ٿي بلڪ مخصوص اشارا ڪري، هر ڪائي پنهنجي ويجهو آڻي ٿي. هڪ دفعو ڪوتا ديويءَ جي مندر ۾ اچو تہ سهي آڳي آڳي ڏيکئي هوتا هئہ ڪيا!

منهنجي اڳيان ڪلا ڪلا لاءِ يا ڪلا جيون لاءِ هڪ اجايو بحث آهي. جيون پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ڪلا آهي ۽ ڪلا خود هڪ جيون آهي. اِن بحث ۾ اُهي ئي وقت وڃائيندا آهن جيڪي جيون ۽ ڪلا کي جدا جدا هستيون ڪري سمجهندا آهن. زندگي خود هڪ ڪلا آهي ۽ اُها ڪلا ئي ڪهڙي جنهن ۾ زندگي نہ هجي! انسان جو سوچ ان منزل تي بہ پهچندو آهي جتي هو هر زنده وستوءَ کي ڪلا ۾ بدل ڪلاڪار سمجهڻ لڳندو آهي ۽ هرهڪ ڪلا ۾ جيون جي ڌڙڪن محسوس ڪندو آهي. پر جن جو مقصد ئي بحث هوندو آهي اُهي تہ هڪ لٽ جا بہ سؤ لڪڙا ڪري، انهن کي اِليءَ جي نالي سان سڏي، زمين ۾ ڳڏِ ڪولي ويلا زندگيءَ ۾ الي - ڏکر راند ڪندا آهن.

ضيا جي ڪوتا پڙهو. ضيا جي ڪوتا سمجهو. ضيا جي ڪوتا مان آنند ولو. پنهنجيءَ جذبات کي محسوس ڪريو. ان اَحساس کي روپ - رنگہ ڏيو. ان روپ کي ڪلا ۾

هاڻي ڪجهه ذڪر ضيا جي سپاتر پٽر نارائڻ سچانندڻاڻي جو ڪرڻ بيجا نه ٿيندو. هنديءَ ۾ هڪ چوڻي آهي.

پوُت سپوُت تو ڪيون ڌن سنچيه؟

پوت ڪپوُت تو ڪيون ڌن سنچيه؟

پٽ سپاتر آهي ته پيءُ کي ورثي ۾ وڏو ڌن پٽ کي ڏيڻ جي ڪائي ضرورت ڪانهي ڇوته سپاتر پٽ پاڻهي ڪمائيندو ۽ سنسار ۾ سڦلتا پراپت ڪندو. پر جي پٽ ڪپاتر آهي ته پوءِ ڌن جوڙي ڪيس ڏيڻ جي ڪائي ضرورت ڪانهي. نارائڻ پنهنجي شاعر پتا جو سپاتر پٽ آهي ان ڪري هن اِهو پڪو ارادو ڪيو آهي ته پنهنجي پتا جي ساهتيڪ شڪتين کي هو دنيا جي سامهون آڻي هڪ طرف پنهنجي پيءُ جي شاعرانا ۽ فني طاقتن کي دنيا جي سامهون رکندو ۽ ٻئي طرف ثابت ڪندو ته هن دنيا ۾ ڪيڏي نا انصافي ڦهليل آهي، ڪيڏي اڪهوت ٿي رهي آهي ۽ ڪيڏيون غلط قسم جون پاسخاطريون ٿي رهيون آهن.

مان نارائڻ جي دلي ڪيفيت کان واقف آهيان. مون خود گهڻو سٺو آهي گهڻو پوڙهيو آهي، گهڻو ڄاتو آهي ۽ گهڻن کي ئي سڃاتو آهي. ضيا رِسالي ۽ ضيا جي شعري مجموعن جي معرفت ضيا تي ڪجهه لکندي، ضيا جي ڪن ڳالهين کي خلاصو ڪندي ۽ ضيا کي اثرانداز طريقي سان پيش ڪندي مونکي اِئين لڳندو آهي ڄڻ مان انهن جي طرفان جنگ لڙي رهيو آهيان ۽ جدوجهد ڪري رهيو آهيان جيڪي نظرن تي رکڻ لائق هوندي به نظرانداز ڪيا ويا! شايد اهڙي قسم جي دلي ڪيفيت جي حالت

بربادي ۽ جا آثار نمايان آهن. غفلت جي خوابن مان جاڳو ۽ ايشور جي نام - سمرڻ ۾ لڳي وڃوا مون کي لڳندو آهي گويا انسانن کي ائين ٿو چيو وڃي ته دنيا هڪ وڏو اسڪول آهي جنهن ۾ هر وشيه لاءِ پيرڊ مقرر آهن ۽ سڄو ڪاروبار گهنڊن جي آواز تي هلي رهيو آهي! منهنجي پنهنجي مڃتا اِها آهي ته ڀوڳ ۽ ڀڳتي ۽ لاءِ ڪائي عمر مقرر ڪونه آهي. اسان جي سامهون پرهلاد جو به مثال آهي ته اسانکي اُنهن شخصن جي به خبر آهي جن ڀوڳ ڪندي ڪندي پراڻ تياڳيا.

شاعري ۽ جو ذڪر نڪرندي ئي خيال جي آسمان ۾ اردو شاعري چوڏس جي چنڊ وانگر اُڀري ٿي اچي. خبر ناهي ڪيترن شعرن جا تارا ٽمڪڻ - چمڪڻ لڳن ٿا.

- بهت آنکين هئن فرشِ راه چلنا ديککر ظالم،
  کفِ - نازک په کانٽا چڀ نه جائي کوئي مڙگان کا! (داغ)
- اگر يه جانتي چن چن کي هم کو توڙينگي،
  تو گل کبي نه تمناءِ رنگ و بوُ کرتي! (ذوق)
- دانا خرمن هئه همين، قطره هئه دريا همکو،
  آئي هئه جز ۾ نظر کُل کا تماشا همکو! (ذوق)
- جان دي، دي هئي اُسي کي تي،
  حق تو يه هئه کِ حق اَدا نه هوا! (غالب)
- مئه سي غرض نشاط هئه کِس رو - سياه کو،
  اِکِ گو نه بيخودي مُجهي دن رات چا هئي! (غالب)

"پرپوءَ در وينتي"

ڏوهيڙو:- داتا تون نہ ڇڏيج مان جيان تہ تنهنجي آسري
سيئي پارون سورن جون هڪ لحظي منجهہ لٿيج
هڪ تون منهن نہ مٽيج - ٻيو جي مُلڪ مٽيو تان گهوڙيوا

ٿلهہ - مصيبت ۾ مالڪ مددگار ٿيندين
مهربان آهين - داتا مهربان ٿيندين

١- ديا جي نظر ٻي وسيلن مٿان ڪر
جڏن جا جياپا اگهن کي سگهو ڪر
شرن جيڪي آيا، تون نہ تن کي ڇڏيندين، مهربان آهين...

٢- تنهنجي در تان ڪوئي نہ خالي وڃي ٿو،
اچي جيڪو تو در سو، جهوليون ڀري ٿو،
اسان جون بہ داتا جهوليون ڀريندين ! مهربان آهين...

(سنڌي قلم - اباڻا جو لوڪ پريہ گيت)

(رچيل ضيا جو.)

⚬⚬⚬

۾ حافظ هيءَ رباعي لکي هوندي،

من حاصلِ عمر خود ندارم جُز غم،
در عشق تو يار خود ندارم جز غم،
يک همدم و همراز ندارم نفسي،
يک مونس و غمخوارندارم جز غم!

(زندگيءَ ۾ غم کان سواءِ مون کي ڪجهه به نه مليو. تنهنجي عشق ۾ بہ غمخوار ئي رهيس. هڪ پل لاءِ به ڪوئي منهنجو نه همدم بڻيو ۽ نه همراز بڻيو. مون کي ڪوئي ساٿي، ڪوئي غم ونڊيندڙ مليو تہ بس هڪ غم ئي مليو.)

منهنجي پنهنجي سالن جي ديوانا وار تپسيا ۽ نارائڻ جو حوصلو ۽ جنون جيڪڏهن ”ضيا“ جي ضيا کي دوردرازدس تائين ڦهلائڻ ۾ ڪامياب نه ويا تہ چئبو؛

اِس دوٗر مين سِري سي هئي زندگي تباه،
لي دي کي ره گئي هئہ محبت، سو وه گناه! (فراق)

آخر ۾ پنهنجي فني ۽ شاعرانا جنون لاءِ دُعا پنندي ۽ اِها تمنا ڪندي تہ نارائڻ پنهنجي پتا ضيا جي باقي ۽ ڪافي اڻڇپيل ڪلام کي بہ جلدازجلہ ڪتابي صورت ۾ آڻي شايع ڪندو، مان ’مير‘ جي هڪ شعر سان هن ڀومِڪا کي توهان جي ارپڻ ڪريان ٿو؛

آگي کِسوُ کي کيا کرين دستِ طمع دراز،
يہ هاٿ سو گيا هئہ سرهاني ڌري ڌري!

2 June 1999.

-منوهر بيدي.

آمريڪا تي شرط پڄائي،
جيون جي جيون گهرائي،
دل کي لڳي ڏڪاءُ. جڳت ۾...
٦- ٻمر ڦاٽا ڀونچال ٿي ويندا،
ڌرتيءَ ۾ پاتال ٿي ويندا،
غرق سڀئي لڪسال ٿي ويندا،
ڀوندو ڪونہ سماءُ. جڳت ۾....
٧- ڪن جو ڪسو نور نظر جو
ڪن تان لهندو ستايو دور جو
گل ٿيندو ڪٿ ديپڪ گهر جو.
ڪن جي مرندي ماءُ. جڳت ۾...
٨- وايومنڊل وهہ ٿي ڀوندا
اُلا آگہ جا جت ڪٿ وسندا
برف جيان سڀ جيو پيا ڳرندا
رهندو رنگ نہ راءُ - جڳت ۾...
٩- ڪڙجي ڀوندو حُسن سمورو
رهجي ويندو عشق اَڌورو
دلڪش منظر ٿيندو ڀورو
ڪنهن مان نہ ايندو ساءُ. جڳت ۾...
١٠- چلتا ڦرتا مردا ڦرندا
ڀوت پريت ٿي ماڻهو گهمندا
مرندا جهرندا، ڪرندا ڍهندا
گهٽَ پيو گهٽيندو گهاءُ - جڳت ۾....

ضيا جا نظم

''ڏاڍن جو ڌڪاءُ'' (١)

ٿلهه- ڏاڍن جو ڌڪاءُ، جڳت ۾ ڏاڍن جو ڌڪاءُ

١- ڏالر جو ٿيو ڏاهه سان مطلب،
کين رکي ٿو لاهه سان مطلب،
ڪمزورن تي ڪاهه سان مطلب،
هيٺن ۾ ڏپ ڏاءُ. جڳت ۾....

٢- مٽجڻ جا منصوبا جاري،
بربادي‌ءَ جي آهه تياري،
وگيانين جي وات نياري،
کين اٿن کهڪاءُ. جڳت ۾...

٣- اُوج تي بيشڪ عقل رسي ٿو،
ليڪن سڪ ۽ چئن کسي ٿو،
سارو زمانو سور پسي ٿو،
سرد ٿيو سڪ ساءُ. جڳت ۾...

٤- آزمائش ائٽم جي آهي جاري،
ڏکي ٿي جنهن کان ڌرتي ساري،
هئڊروجن کا ديا نه ڌاري،
لهس جو آهه لڪاءُ. جڳت ۾...

٥- روس پيو راڪيٽ اُڏائي،

١٦- صُلح جو سورج اُڀري جڳہ تي
راهہ ڀليل شل ايندا دڳہ تي
پريم پکڙيندا پڳہ پڳہ تي
ناهہ جو ڪن لهراءُ - جڳت ۾...

١٧- وشوَ اَمن جو جهنڊو جهوُلي
هرڪو ملڪ جيئن ڦلي ڦولي
راءِ ضيا جي هر راڄ قبولي
حب جو اچي هڳاءُ - جڳت ۾...

OOO

"قومي جهنڊو"

ٿلهہ - آهي هندستان لاءِ هيءُ ڪارگر قومي جهنڊو،
شل اچي هر جاءِ جهوليندو نظر قومي جهنڊو.

١- پنهنجي قومي جهنڊي جي، هر حال ۾ رکشا ڪجي،
اوچو رکنداسين هميشهہ، بي خطر قومي جهنڊو!

٢- ديش جي جهنڊي جي عظمت، جا بجا ڦهلائبي،
ساري دنيا ۾ ٿئي جيئَن نامور هي قومي جهنڊو!

٣- شال هي قومي جهنڊو آزاد وايو ۾ جهولي،
هند ۾ پيدا ڪري سکہ جو سمر قومي جهنڊو!

٤- اي ضيا قومي جهنڊو شل جان سان جڙيو رهي،
هندواسين جو حصو آهي، دل جگر قومي جهنڊو!

١١- گم ٿي ويندا گورا ڪارا
مغرب وارا مشرق وارا
ڏهر اڏاڍا ۽ ناميارا
ڦيندين ڪين بچاءُ - جڳت ۾...

١٢- ايندڙ نسلن صورت مڃي
سوپيا سونهن سموري گهڃي
عمر عذابن اندر ڪڃي
عاجز ڦيندو اُپاءُ - جڳت ۾...

١٣- لب تي اَمن و اَمان جون ڳالهيون
پر دل ۾ اندر گهمسان جون ڳالهيون
هڪ ٻئي جي نقصان جون ڳالهيون
ڪير ڪري پرچاءُ - جڳت ۾...

١٤- سانَ وڙهن، ٻورن کي خطرو
سَپَ وڙهن اُپرن کي خطرو
هن هن کي هر من کي خطرو
وير جو بس ورتاءُ - جڳت ۾...

١٥- ٻل وارن جو من ڦيو ميرو
غم جي گرد ڪري ٿي گهيرو
من ڏرتيءَ ۾ اڄي ڪو ڦيرو
ٿئي شل سلو وٽاءُ - جڳت ۾...

"ڪجهه همت ڏار ساٿي"

(۱)

قوت تدبير سان تقدير کي ڦيرائبو،
هر مصيبت کي هينئر هستي رکي هيسائبو،
وقت ايندو ڪال جو پي ڪنڌ پيچي ڪيرائبو،
زندگيءَ ۾ زندگيءَ کي موت سان ٽڪرائبو!

(۲)

ڇا اجا تائين قتل تقدير جو ماتم ڪريون،
ڇا اجا تائين زماني جي غمن جو غم ڪريون،
ڪيستائين روئبو، پاڙائبو، ليلائبو!
زندگيءَ ۾ ....

(۳)

جي ڏسڻ چاهين ته هي دنيا جا آدمخور ڏس،
خون پورهيت جو پين ويٺا، پئسي جو زور ڏس،
هاڻ هرگز ڪين تن جي ڏاڍ کي هيرائبو،
زندگيءَ ۾ .....

(۴)

ڇڏن پئسن تي وڪامن ٿيون غريبن جون ڌيون،
ڇا هو انصاف آهي، ڇو نه هي ڏنڊو ڇڏيون،
ڪن ٿا جي واپار هيءُ تن کي لڪائي لڳائبو!
زندگيءَ ۾ .....

"نصيحت نامو"

قلهه- نہ واپاريءَ کي لڳي دولاب تي سندرو ھڻڻ گھرجي،
غريبن ديس واسين کي نہ دوکي سان ڦرڻ گھرجي!

١- ڇيو آهي وڏن تہ ڦوري ڪٽڻي ۾ آهي گھٽي برڪت،
جي برڪت ٿا اوهين چاهيو تہ سچائيءَ سان هلڻ گھرجي!

٢- گھٽن کي ڏينهن آهي پر رات ناهہ، اهڙي حالت آ،
جي بکن ۾ ٿا مرن تن تي ديا هردم ڪرڻ گھرجي!

٣- نفعو جو واجبي آهي، اُنهيءَ تي خوش رهڻ گھرجي،
ھين جو گھر ڦري هرگز نہ پيٽ پنهن جو ڀرڻ گھرجي!

٤- حڪومت جيڪي اگهہ قائم ڪيا هر چيز لئہ آهن،
زيادهہ تن اگهن کان ڪين هڪ پائي بہ وٺڻ گھرجي!

٥- وڏا جن اگهہ گهريا آهن، سزا تن کي ملي آهي،
وڏو هي ڏوهہ آهي، اڌرم اهڙي کان ڊڄڻ گھرجي!

٦- جي واپاري وطن ۾ عام جو آزار ٿيا آهن،
انهن جي واسطي فرياد اهڙي ٿاڻي تي ڏيڻ گھرجي!

٧- اجايو ڪين ٿيٽو آهي، اثر آهن ۾ دانهن جو،
غريبن بي ڪسن جي آهہ کان هردم ڊڄڻ گھرجي!

٨- جي رکندا راضپو مخلوق جو تہ راضي خدا رهندو،
ضيا تڏهن چوان ٿو تہ عام کي راضي رکڻ گھرجي!

OOO

(٩)

پل ته جاوا ڪن لٽيرا، ملڪ لاءِ بڻجڻ عذاب،
وقت ايندو ۽ اوس ايندو، ڪبو چڪتو حساب،
دوکيبازن کي سڃاڻون، هاڻي ڪين دوکو کائبو!
زندگيءَ ۾......

(١٠)

ڪنهن نه ڪنهن ڏنوان جي آهي عملدارن سان وات،
ڪو ڪليڪٽر جو عزيز ۽ ڪو منسٽر جو ڀلات،
جي ڪبو فرياد، ته اُلٽو پاڻ کي الڪائبو!
زندگيءَ ۾......

(١١)

ملڪ ٿيو آزاد آ، پر سرمائيدارن جو غلام،
ناليوارن جي اشاري تي، ٿو نچي سارو نظام،
ڪيستائين تن جي حرڪتن کي پيو همٿائبو!
زندگيءَ ۾.....

(١٢)

زندگي آهي سلامت زندگي پيدا ڪبي،
مرد بڻجي اي ضيا - مردانگي پيدا ڪبي،
اڄ ڪتاب زندگيءَ جو، هر ورق اٿلائبو!
زندگيءَ ۾ زندگيءَ کي موت سان ٽڪرائبو.

(۵)

هن چمن جي بخت جو آءٌ کريان ڪهڙو بيان،
هڪ طرف آهي بهاري ٻئي طرف آهي خزان،
وقت ايندو باغ جو نقشو سڄو بدلائبو،
زندگيءَ ۾.....

(٦)

جن بڻايا محل تن کي جهوپڙيءَ ۾ بہ جاءِ ناهہ،
هڪ ڪچي ڇت ٻي، انهن کي سر ڍڪڻ جي لاءِ ناهہ،
ڪيسين هيءُ انڌير سهبو، غم تي غم پيو کائبو!
زندگيءَ ۾......

(٧)

سڀ سڃاڻا، جيڪي هٿرادو وڏائن تا ڏڪارا
پنهن جي چالاڪيءَ جو جنتا کي بڻائن ٿا شڪارا
چالبازن کي هاڻ سبق سيکاريو سمجهائبو!
زندگيءَ ۾.....

(٨)

ديس اندر آڻبو هڪ ڏينهن اهڙو انقلاب،
جيڪو اڄ ناڪامياب آهي سو ٿيندو ڪامياب،
بيڪسن جي سوڀ جو جهنڊو اوس جهولائبو!
زندگيءَ ۾ ......

۵- جنتا جي هٿ ديش جي طاقت - جنتا جي هٿ ديش جي عزت،
پاڻيهي ٺاهي پاڻيهي ڊاهي - پنهنجي قسمت ديش جي قسمت،
پنهنجي حڪومت پاڻ هلائي - پنهنجي بگڙي پاڻ بڻائي،
ضيا اهڙو آهي وڏان، جئہ جئہ هندستان!

۞۞۞

"بهادر ٽيپو"

۱- وطن جي عشق جو دل ۾ جوانو مچ مچائيندا،
بڻي بانڪا سپاهي -ملڪ پنهنجي کي بچائيندا!
۲- رڳن ۾ رت سمايل آهي اوهان جي ڀيم ارجن جو،
اُنهيءَ هلواني رت کي ڪين هلوانو لڄائيندا!
۳- جي مرندا سرڳہ ماڻيندا - جي کٽندا تہ راڄ ماڻيندا،
اُنهيءَ گيتا جي شبدن کي - توهان رهبر بڻائيندا!
۴- وطن جي واسطي دشمن سان لڙندا ڪين ڪي مُرندا،
جي ديس تي سِرُ پوي ڏيڻو، تہ سِرُ گهوري گهمائيندا!
۵- جي ضيا جيئڻو اٿو دنيا ۾ تہ جيئندا شيردل بڻجي،
جي هيٺا ٿيا تہ هيٺائي سان هستيءَ کي مٽائيندا!

۞۞۞

”آزاد هندُستان“

جئہ جئہ هندستان - جئہ جئہ هندستان
جئہ جئہ ديش مهان - جئہ جئہ اَمن اَمان

۱- آزادي جو آ سورج اُڀريو - وقت غلامي وارو گذريو،
سرهائي جو صبوح ٿيو آ - سمو غلاميءَ وارو گذريو،
حاڪم ۽ حڪم نہ ڪوئي - سڀ ٿيا جيو سمان،
جئہ جئہ هندستان!

۲- آس اُميد جا تارا نڪتا - تدبيرون ۽ تقديرون ٿينديون،
رنج اَلم جون لڪرا لڪرا - آخر هي ز نزيرون ٿينديون،
مستقبل جو گنگہ تو چمڪي - هر هندي جو من تو چمڪي،
ٿيندو نوَنرماڻ - جئہ جئہ هندستان!

۳- سڀ ڏجہ ساڻ وطن ۾ آئي - آزاديءَ جي هيءَ شهزادي،
پرجا اُن جو ڪيو سواگت - ملڪ ٿيو پرجاوادي،
راجائن جو راڄ هليو ويو - تاج وارن جو سرتاج هليو ويو،
سيڪو ٿيو سلطان - جئہ جئہ هندستان!

۴- باپوءَ جي روحاني شڪتي - جيڪا هئي طوفاني شڪتي،
جنهن شڪتي کي ڏسندي ڏسندي - ڪنبي اُٿي شيطاني شڪتي،
سرد ٿيا توبن جا گولا - گم ٿي ويا گورن جا لولا،
صاف ٿيو ميدان - جئہ جئہ هندستان!

٣- ڪن ٿا جيڪي انتظار - ۽ رهن ٿا بيقرار،
جي ٿين ٿا عشق باز - رنجو غم ۾ دل نگار؟
ڪين رهجي تن کان ڏار - پر ۾ تن کي وهارجي!
٤-جيڪي دل ۾ ٿا لڇن - روز ضيا ٿا رئن،
منهن سان پر نٿا ڪڇن - ديد لاءِ ٿا سڪن،
تن کي ڇو وسارجي - ڇو نہ تن سان گهارجي!

ooo

"دل جي آرزو"

ٿلهہ - دل پنهنجي ڪٽي نڪتو آهيان مان سري بازار،
آهي ڪو طلبگار منهنجي دل جو طلبگار!
١- دل اُن کي ڏيڻ ٿو گهران جو دل کي سنڀالي،
جو ڪوبہ ڪندو قول، ڪندس اُن جي حوالي،
هروقت خريدار سان، دل رهندي وفادار - آهي...
٢- دل اهڙي اٿم جيڪا آهي، حسن تي مائل،
ٿي پوندي خوشي سان، ڪنهن جي گهور تي گهايل،
آهي ڪو قدر وارو ڪري، جو اچي واپار - آهي...
٣- وجهہ آهي اِهو سهڻو، ائين نہ وڃايو،
ڏيئي واڪ وڏي واڪي - اچي سودو چڪايو،
اڄ ڪولي ضيا ٿو چوي - آهي ڪو خريدار - آهي...

ooo

"ڏس پئسي جا رنگ" (6)

١- جي ڪيسي ۾ تنهنجي آهه ناڻو -
تہ تو جهڙو دنيا ۾ ناهي سياڻو-
رکيل اهڙي ڪلدار ۾ آکڙ آهه ملا-
اڳهائجي ٿو هن سان ڪوجهو ۽ ڪاڻو!

٢- ٿين ناڻي سان ٿا هزار سلامي-
ـري زر سان گنجو ۽ منڊو بہ ماڻو-
وڏا وير ناڻو پلائي ضيا ٿو-
گهمي هرڪو ناڻي مٿان ٿي وڪاڻو؟

OOO

"پيار جي صدا" (7)

طرز: زندگي هئہ چار دن پيار سي گذارنا!
ٿلهہ: زندگي آهہ چار ڏينهن پيار سان گذارجي،
عاشقن جي واسطي پيار دل ۾ ڌارجي!

١- پاڻ کي سينگاريو ٿا- هرکہ سڀ جو هاريو ٿا،
ناز مان نهاريو ٿا - تير هٽي ماريو ٿا،
جي مرن ٿا تيرن سان - چو نہ تن کي جيئارجي!

٢- دوستي جي لائجي - ڪين سا ٽلائجي،
پيار سان ڳالهائجي - دل سان دل ملائجي،
اک سان اک اڙائجي - واعدن کي پاڙجي!

آهي سبب اهو جو منهنجي هٿ ۾ زر نہ آ!

٣- اُن وقت ڏٺي جگر کي تو، درد جگر جو نصيب،
اُن وقت منهنجي درد لئہ، ڪو چاڙهو گر نہ آ!

٤- اڄ زور آزمائيبو ديداري يار سان،
شڪر آهي ضيا ڏيو، اجان ڪمزور سرُ نہ آ!

"مسافر سان من لڳو"

شعر - يا پسڻ پرين جو يا پرين سندي پچار
اِنهن ٻنهي کان ڌار- شل قادر ڪنهن کي ٻہ نہ ڪري.

ٿلهہ- من مسافر سان لڳو- موهي مونکي منٺار ويو
موهي مونکي مهمان ويو، مونکي ڪري حيران ويو

١ يار جي اکڙين ۾ شايد- ڏنگہ دارونءَ جا هئا
نينهن جا ڏيئي نشا-من ڪري مستان ويو.
من مسافر ......

٢- سهڻي صورت کي ڏسي-سڀ ڪجهہ ويو منهنجي هٿان
دل وئي ۽ جان وئي - دين ويو - ايمان ويو
من مسافر .....

٣ مان وسوري مورک ڏيس - ويسهہ ڪرڻو پيو ضيا
پر اُهو ويسهہ وڃائي گهر ڪري ويران ويو.
من مسافر...

”عاشقي مجاز“

ٿلهه- حسينن جي جواني جي اسان جي لئہ مصيبت آ،
رهي ٿو هوش خطري ۾ نہ دل پنهنجي سلامت آ!

١- پلا ڪاڏي وڃن عاشق ڏين فرياد هو ڪنهن کي،
شڪايت جي بہ تن کي ڪين حاصل ٿي اِجازت آ!

٢- آهن هڪڙا اگهيئي سهڻا، وري سينگارجي نڪرن ٿا،
خدا تن کي ستائڻ جي ڏني ڪا خاص عادت آ!

٣- هزارين وات ويندن جو، ضيا ٿيو خاتمو آهي،
هزارن جي بنا هٿيار ٿي ويئي شهادت آ!

٤- گلابي منهن اٿن ويتر، گلابي ويس ٿا پائن،
حسن ان طرح ٿا وڌائن، ضيا کي سخت حيرت آ!

ooo

”مفلس جي صدا“

ٿلهه- دنيا ۾ ماڻهن کي درد منهنجي جي ڪائي خبر نہ آهي،
افسوس منهنجي حال تي ڪنهن جي نظر نہ آهي!

١- آ نسون بہ منهنجا گرمي غم ڪان ويا سڪي،
ماڻهن جي ليکي منهنجي اَک اجان چشمتر نہ آ!

٢- نفرت سان مونکي هرڪو انهيءَ لاءِ ٿو ڏسي،

٩-خوشي سان تير نگاهن جا بل ڇوڙ دل جي متان،
اگر آ توکي شڪاري نشان ڇُٽڻ جي سگهه!

١٠-اڃان ته لب تي رکيم لب ته تو پري منهن ڪيو،
چئيم! ته توکي ڪٿان تي چپن چمڻ جي سگهه!

١١-هئي تنهنجي زلف جي زنجير جنهن ٻڌو دل کي،
هئي ڪي تي نه ٻ تيندي ڪڏهن ٻڌڻ جي سگهه!

١٢-ڏٺم صنم توکي ته ويس بڻجي صورت تصوير،
نه سمجهان هڪ قدم پيو اتان ڇُرڻ جي سگهه!

١٣-جي توکي ناز سان ماري ڇڏڻ جي آ طاقت،
مونکي به آهي انهيءَ تيغ سان ڪُسڻ جي سگهه!

١٤-ٻُتن به شرم حيا کي ڇڏي ڏنو بلڪل،
رکن ٿا دهر ۾ ڪريان تي گهمڻ جي سگهه!

١٥-ڇو ڪين ماڻهوءَ جي دل پوءِ خراب تي پوندي،
وڃائي وهندا اوس پنهنجي دل جهلڻ جي سگهه!

١٦-مان بحر عشق ۾ آهيان لڙيو "ضيا" تڏهن،
جڏهن مون سمجهو هو آهي مونکي ترڻ جي سگهه!

❂❂❂

"عشق جو زور"

١-مونکي خدا ڏي ستم ۽ جفا سهڻ جي سگهه،
گهران ٿو تنهنجي رضا تي سدا رهڻ جي سگهه!
٢- فدا ڪري مان ڇڏيان جان شمع جي مٿان،
پتنگ جيان ڏئي مونکي به پچڻ جي سگهه!
٣-مسيح توکي ٿو سمجهان مان درد پنهنجي جو،
دوا پياري محبت جي ڏي بچڻ جي سگهه!
٤-اڳانگو آهه برابر ته عشق جو رستو،
مگر مان سمجهان ٿو دل ۾ اتان هلڻ جي سگهه!
٥-ڏکڻ سان به ڪين ڇڏيندس ڪڏهن مان مٿخانو،
ڏسان ٿو ڪنهن ۾ رهي آ مونکي ڪڍڻ جي سگهه!
٦-عجب ۾ آهيان ته طاقت ڏسي سندس ايڏي،
ڪٿان ٿي غير کي رخنو رنڊڪ وجهڻ جي سگهه!
٧-مان تنهنجو تون آهين منهنجو حجاب ڇا لاءِ ڪجي،
پري حياء کي ڪري، ڏار ڪا ملڻ جي سگهه!
٨-مونکي جي ساقي خوشي سان نه جام ڏيندين تون،
ڏيکاري توکي ڇڏيندس ڪسي پيئڻ جي سگهه!

"گيت ٢"

ٿلهہ - هڪ دل بہ وڃايم - هيو آئي مصيبت-
افسوس جدائي - افسوس محبت!

١- هئي مشڪ چمن تي - هي لالي لبن تي-
پئي وار سنواريئہ ۽ دليون ڏتاريئہ!
اهڙو تي نهاريئہ بي موت تي ماريئيہ-
ناهي ڪا شڪايت - افسوس محبت!

٢- هڪ اهڙو سبب ٿيو جو مونسان غضب ٿيو-
هئو هو بہ اڪيلو ۽ مان بہ اڪيلو!
ٿيو اوچتو ميلو - جڻ وصل جو ويلو-
بس آئي قيامت - افسوس محبت!

٣- اڪہ اڪہ سان ملايم - آزار پرايم-
پئي سور سناسين - ڪجهہ نہ سمجهاسين!
بدنام ٿياسين - دنيا کان وياسين-
ماريو ضيا نزاڪت - افسوس محبت!

ضيا جا گيت

"گيت ١"

ٿلهه - دل آهي هٿن ۾ ٿو خريدار کي ڳوليان-
بازار محبت ۾ ٿو طلبگار کي ڳوليان!

١- قيمت آهي منهنجي دل جي فقط پيار محبت-
سستو آهي هي سودو - ناهي زر جي ضرورت-
بس گهرجي وفائي ٿي، ٿو وفادار کي ڳوليان!

٢- دل پنهنجي اٿم ڪرڻي حسينن جي حوالي-
ڪو سهڻو خريدار هجي هن دل کي سنڀالي-
ٿو تنهن ڪري اڄ حسن جي سرڪار کي ڳوليان!

٣- واپار ضيا اهڙو نصيبن سان ٿئي ٿو-
دل مفت ۾ هڪ عاشق ناشاد ڏئي ٿو-
قرب جي ميدان ۾ ٿو قربدار کي ڳوليان!

OOO

ساري خلقت منهنجا حال ڏٺا-
پوءِ ڌار رهڻ دشواري آ!
٣- ضيا چوي ويئون بند ٿي واهون ملا
ڪريان در تي مالڪ جي دانهون ملا
منهنجو رب تہ سڻندو آهون ملا
جيڪا رمز توئي پاڻ سيکاري آ!

۞۞۞

''گيت ٥''

ڪڏهن ساجن مون وٽ ايندين - ايندين ري-
نيڻ ڪٽي ٿي روز نهاريان!
١- تو بن منهنجي ڪين سري ٿي-
دلڙي ماندي مفت مري ٿي-
اچي دل کي دلاسو ڏيندين - ڏيندين ري!
٢- روئي ٿي پنهنجا پاند پسايان-
سر تي پنهنجي واري وسايان-
اچي مئي سان محرم ٿيندين - ٿيندين ري!
٣- پور پون ٿا پل پل تنهنجا-
حال ضيا ٿيا هيٺا منهنجا-
ولي نال نماڻي نيندين - نيندين ري!
۞۞۞

"گيت ٣"

ٿلهه - حسن وارن جا اسين آهيون غلام.

١- حسن سندي سرڪار جا آهيون نوڪر تعبيدار-
فقير جو اُن در جو آهي، هردم انهن کي سلام!

٢- سونهن وارن جا سور ۽ سختيون سرتي سهنداسون-
ظلم ستم ۽ رنج ڏسي ٻي چپ ۾ رهنداسون-
محبت جو ميلو، اهو آهي اسان کي انعام!

٣- عشق اسان جو دين ڌرم آ حسن آهي الاهه-
پنهنجي دين تي پختو رهبو سڪ ۾ چڏبو ساهه-
چئون سڀ ٿا - اهو آهي ضيا انجام!

○○○

"گيت ٤"

ٿلهه - منهنجي توبهه توبهه زاري آ-
ڏاڍي سخت سڄڻ دل آزاري آ!

١- ٽالي خدا جي تڪرار نه ڪر-
تون وصل وارو انڪار نه ڪر-
ذرا قياس ڪو دل ۾ ڌاريندو ڪر-
تنهنجي سورن منهنجي دل ساڙي آ!

٢- بي قياس نه ٿي منٺار مٺا-
ڪيئي سور سڄڻ مون سر تي سٺا-

٢- نکو خط ٿا لکو نڪا ورندي ٿا ڏيو-
چو ٿا سڪ وارن سان سخت ٿيو-
مٺا واجب ناهي اوهان کي اهو-
کڏهن قلم ۽ ڪاغذ هٿ ۾ کڻو!

٣- ڪجھ پنهنجي ضيا سان ڀلائي ڪريو-
ڪين قرب وارن سان ڪچائي ڪريو-
چو ٿا جانب ايڏي جدائي ڪريو-
تنهن کان ڪاتي کڻي منهنجي ڪنڌ تي هڻو!

٭٭٭

"گيت ٨"

بهار آئي ته آهي ڍوليا!

١- سڄي آهي تو بن محفل-
تون ٿيندين اچي دلربا شامل!

٢- باغ ۾ ڪوئل پيئي پڪاري-
مونکي تنهنجي ياد ڏياري!

٣- ڪيئن مان توکي پريتم پايان-
توکي پائي عيش منايان!

٤- آهي تو پرديسي وساريو-
خيال نه توکي منهنجو آيو!

٭٭٭

"گيت ٦"

ٿلهه- محب ملي منٺار بنان مان ڪيئن جييان-
پنهنجي پورل بنان ڪيئن ڏار ٿيان!

١- دلبر پنهنجي دل تان وساريو-
هڪڙو پل به نه مون سان ڪوئي گهاريو-
پنهنجي دلبر کي مان ڪهڙو ڏوهه ڏيان!

٢- جان جدائيءَ آهه جلائي-
ڪل نه پوي ٿي مونکي ڪائي-
ويلي جگر جو خون مان هاڻي پنهنجو پيان!

٣- ڪڏهن سڄڻ تون مون وٽ ايندين-
مونسان ملي اچي هڪ تون ٿيندين-
بنان تنهنجي سکن کي ضيا مان باهه ڏيان!

۞۞۞

"گيت ٧"

ٿلهه - آهي دل ۾ اوهان جي پيار گهٽو-
نه به چوٿا اوهين بي درد بڻو!

١- مون سان قرب کو پنهنجو وندڻيندا ڪريو-
ڪڏهن پنهنجي تڏي تي سڏيندا ڪريو-
ڪڏهن مون وٽ پي اوهين ايندا ڪريو-
چونه هر وقت مونکي اوهين ٿا دوست وٽو!

"گيت ١٠"

مونکي گرن جو قسم تو مونکي ساڙي ڇڏيو آهہ -
محبت ۾ پنهنجي تو مونکي ٻاري ڇڏيو آهہ!
تو اهڙا ڪٿي مون تي هنر پڙهيا جو-
پنهنجو مڙس بہ مون وساري ڇڏيو آهہ!
منهنجو گهر آهي هينئر تنهنجو لڪاڻو-
مونکي هڪ نظر سان تو ماري ڇڏيو آ!
ڏنئہ مونکي پرساد جا اهڙا دونا-
جو دونن مٿان مون هرڪہ هاري ڇڏيو آ!

ooo

"گيت ١١"

قلهہ - رخ تان پردي ڪي هٽائي - منهن پنهنجو ڏيکار يار-
آرزو آهي تہ تنهنجو مان ڪريان ديدار يار!
١- ديد تنهنجي ڪي ڏسڻ لئہ رهان ٿو بيقرار-
آب اکين مان وهائي ٿو رئان مان زارون زار-
دل ڪان مان مجبور آهيان دل تي ناهي اختيار-
درد ڪان بي تاب ٿي توکي چوان ٿو بار بار-
طالب ديدار جي برائي خدا لهہ سار يار-
رخ تان پردي ڪي هٽائي - منهن پنهنجو ڏيکار يار!

”گيت ٩“

ٿلهه - ڇو تنهنجي در تي ڪڏهن ڪين اچبو-
جي تون ڏار رهندين ته بس ڏار رهبو -
توکي منهن سان اکر اصل ڪين چئبو-
پنهنجو پاڻ پلبو پنهنجي دل کي جهلبو!

١- مون تو بي وفا کي وفادار سمجهو-
وفادار ڇا پر غمخوار سمجهو-
تنهنجي ظلم کي پڻ مون پيار سمجهو-
مگر اهڙي دوکي ۾ هاڻي نه اچبو-
ڇو توسان ڪوئي به رشتو نه رکبو!

٢- توکي حسن پنهنجي تي آهي وڏائي-
مگر سونهن تنهنجي نه رهندي سدائين-
جي تنهنجي اجان هلي بي رخائي-
قدم سوچي سمجهي زماني ۾ کڻبو!

٣- جي توکي وڻي ٿي نه منهنجي محبت-
منهنجي پيار ۽ باوفائي جي عادت-
ڇڏي ڏي مونکي - ناهي هاڻ تنهنجي شڪايت-
ضيا ماٺ ۾ رهبو، ڪجهه به نه ڪڇبو-
ڇو توسان ڪوئي به رشتو نه رکبو!

❁❁❁

ناھ ڪري اچي ملي ۽ سان ڪجھانءِ -
پاڳ ملي ۽ جو بٽائي ھليو وڃ!
٣- پاند ڳچيءِ ڳل مان تي پايان -
بديون پنهنجون تي بخشايان!
تنهنجي اڳيان تي ھاڏايان -
پير اڳڻ مان ضيا پائي ھليو وڃ!

OOO

"گيت ١٣"

ثلھ - منهنجون اکيون توکي ڳولهي ٿڪيون-
ڏي پنهنجو اچي ديدار سڄڻ-
آھيان پيار تنهنجي جي پياسي مان -
مونکي پيار جو پيالو پيار سڄڻ!
١- ڏينهن رات تنهن جو تو ڏيان رھي-
منهنجي جان جدائيءَ ۾ ٿي ڍھي!
مل مونسان مٺا من درد لهي-
منهن پنهنجو مونکي ڏيکار سڄڻ!
٢- تنهن جي عشق ۾ لڙڪ وھائيندس-
سي آنسون موتي بڻائيندس-
تنهن جي مالھا پُٺي توکي پائيندس-
اچ توکي پايان سو ھار سڄڻ!

OOO

٢- هڪ پيرو پير منهنجي اڱڻ مان تون پائي وڃ-
منهنجي نصيب کي اڃي تون سهڻو بڻائي وڃ!
٣- صرف هڪ پيرو اچي تون منهنجي اڱڻ پيرا گهماءِ-
جهوپڙي منهنجي اچي نالي خدا جي جنت بڻاءِ!
٤- منهنجي قسمت سمهيل آهي اچي اُن کي جڳاءِ-
جي نٿو مون وٽ اچين من تہ پاڻ وٽ مونکي گهرا
٥- هڪ پل نہ ڪر مونکي اکين کان ڌار يار-
رخ تان پردي کي هٽائي - منهن پنهنجو ڏيکار يار
(هڪ پل ضيا کي نہ ڪر پنهنجي اکين کان ڌار يار)

ooo

"گيت ١٢"

طرز - پريت ڪي ريت نيانا ڪلن هٺ!

ٿلهہ - پريت جو گيت ٻڌائي هليو وڃ-
مکڙو پنهنجو ڏيکاري هليو وڃ!

١- رئندي رئندي راتيون گذرن -
ڏينهن ڏکن جا ڪين ٿا نبرن!
ڳالهيون پراڻيون ڪين ٿيون وسرن -
پنهن جو پاڻ پسائي هليو وڃ!
٢- دردمندن جي سار تون لهجانءِ -
رات اچي تون راڻا رهجانءِ!

٣- تو ھٿان ڪسجڻ ضيا - فخر شهادت تي پيو-
٤- موت بہ مون سمجھو تي بهتر - خبر ناهي تہ ڇو؟
٥- ياد مونکي تو پوين هر هر - خبر ناهي تہ ڇو؟

ooo

"گيت ١٥"

ٿلهہ - جنهن ڏنو هڪ وار توکي سو ٿيو قربان آ-
تو مٿان ايمان وارن جو، خدا ايمان آ-
آئيني جي سامهون تو جڏهن اچين سينگار لاءِ-
آئينو خود حسن تنهن جي تي ٿيو حيران آ!
١- هيءَ جواني هيءَ نزاڪت ۽ وري سينگار هيءَ-
تو ڪيو ڪنهن کي ڪهڻ لئہ ڪلو سامان آ!
٢- پاڻ کي ٿاهي خدا جي واسطي ٻاهر نہ آچ-
ڇو جو تنهن جيٰ آئي سان، جوکي ۾ هردم جان آ!
٣- حسن تنهن جي کي ڏسڻ سان دل ڇئي يڪدم ڏنو-
شڪر آهي جو ڏٺو مون هڪ خدا جو شان آ!
٤- سڄ پڇين سرمي بنا تنهن جون اکيون پيبيون وڻن-
تنهن جي اکين کي ڏسڻ لاءِ هرڪو ٿيو حيران آ!
٥- ڇو نہ تنهن جي حسن تي عاشق ٿئي عاشق ضيا-
هو بہ دل وارو آ آخر ٻي هڪ انسان آ!

ooo

٣- ضيا تارا ڳڻيندي رات وئي-
پر تنهنجي اچڻ جي سڌ نہ پيئي-
مون تنهنجي پڇا تارن کان ڪئي-
ٿيو ملڻ تنهنجو ڏُشوار سڄڻ!

○○○

"گيت ١٤"

١- توکي سمجهان پنهنجو ٿو دلبر - خبر ناهي تہ ڇو؟
٢- پنهنجو سمجهان ٿو توکي آذار - خبر ناهي تہ ڇو؟
٣- تنهنجي خاطر ٿو رئان اڪثر - خبر ناهي تہ ڇو؟
٤- تنهنجي اُن هوندي بہ دل پٿر - خبر ناهي تہ ڇو؟
٥- ٿو رهان تنهنجي ڪري در بدر - خبر ناهي تہ ڇو؟

(٢)

١- تنهنجي خط تعويذ سمجهي اچ پئي پايان ٿو مان-
٢- چاهہ مان تنهن کي چمان ٿو - ڇاتيءَ سان لايان ٿو مان-
٣- هجر ۾ اهڙي طرح دل پنهنجي بهلايان ٿو مان-
٤- ياد پوين مونکي ٿو هر هر - خبر ناهي تہ ڇو؟
٥- توکي سمجهان ٿو پنهنجو دلبر - خبر ناهي تہ ڇو؟

(٣)

١- تنهنجو پاڙو منهنجي خاطر رشڪ جنت ٿي پيو-
٢- تنهن جي طرفان رنج بہ مليو تہ راحت ٿي پيو-

تنهنجي ياد ۾ ڪيڏان اوجاڳا-
من جو چئن وڃايان!
۳- تنهنجي منهنجي پريت پراڻي-
مان به تو ڄاڻان تون به تو ڄاڻين-
ننگر سڄاڻي ساڄن ايندين-
ضيا تو لاءِ تو واجهايان!

۞۞۞

"گيت ۱۸"

ٿلهه : ساڄن بن مان ڪيئن گذاريان-
پل پل پيئي تنهن کي پڪاريان!
۱- پريتم بن سنسار ۾ پل نه درد کان واندي آهيان-
محب بنا ڪيئن گهر ۾ گهاريان ! ساڄن ....
۲- رئندي ضيا ڏيون راتيون گذرن-
ساڄن کي سنڀارڻ بنا ڏينهن ڏکن جا ڪيئن ٿا نبرن-
واٽون ويٺي هرروز نهاريان! ساڄن ....

۞۞۞

"گيت ۱۹"

ڏيو ڪهڙو گناهه آهي - جنهن جي ملي اهڙي سزا آهه!
۱- هرڪو تو ڪلي خوش ٿئي - هين لاءِ ڏکن ۾-
بي درد زماني نه ڪئي - مون تي ديا آهه!

"گيت ١٦"

ٿلهه - بي وفا آهي دنيا ڪنهن ۾ وفائي ناهي!

١- هڪ باغ ۾ هڪ بلبل بي تاب نظر آئي-
اکين ۾ هئا آنسون ۽ منهن ۾ اُداسائي-
گل لاءِ هئي ماندي - هئي سونهن جي شيدائي-
افسوس مگر گل کي - پرواهه نه رهي ڪائي!

٢- غمگين هئي بلبل هر بار رنائين ٿي-
فرياد هئس چمن تي هر هر پٽي چيائين-
بي وفا آهي دنيا - دنيا ۾ وفائي ناهي!

٣- هيو سهڻو صورت - شمگير جي صورت جو سڪايل هو-
هيس اکيون آليون - دردن جو دکايل هو-
بيزار حياتيءَ کان - قسمت جو ستايل هو!

OOO

"گيت ١٧"

ساجن کي ڪيئن پرچايان!

١- پريه ڪٽي ڇڏ ريت رسڻ جي-
ماٺا ڇڏي ڪر محب ملڻ جي-
تنهنجي رسڻ جو غم ٿو ماري-
مان ويلو جان جلايان!

٢- تو بن آهي اُداسي ڇائي-
درد سهي آ دل گهبرائي-

"گيت ٢١"

١- ساجن ڪانسواءِ هاڻي مان جيون ڪي ڪريان ڇا!
سينگار ڪي شوق ڪي - جوڀن ڪي ڪريان ڇا!
افسوس مون کي ساٿ ڏئي، پوءِ سور هليو ويو-
هت مون کي اڪيلو ڇڏي اڄ دور هليو ويو!
من منهنجو آهي ماندو، پنهنجي من ڪي ڪريان ڇا!
٢- غم درد جدائيءَ جو پلا ڪيئن سهائي مان وهان-
ور پنهنجي وساري هتي ڪيئن گهر ۾ رهان-
رکيو رکيو ٿا نيڻ رئن روز مان نيڻن ڪي ڪريان ڇا!
٣- مون پنهنجي هٿن سان پنهنجي تقدير ڦٽائي-
افسوس مون کي مهل تي مت ڪانه ڪا آئي-
ڪرمن جو آهي ڏوهه ضيا ڪرمن ڪي ڪريان ڇا!

⊙⊙⊙

"گيت ٢٢"

ٿلهه : مان ڪهڙي توکي سڄڻ يار منايان-
ڪهڙي نموني سان توکي پنهنجو بڻايان!
١- قاصد نه ڪبوتر تو مڃي منت ڪا منهنجي-
ڪنهن جي هٿان پيار جو پيغام پهچايان!
٢- تارا تڪي هاءِ سڄي رات گذاريان-
تنهنجي جدائيءَ ۾ ضيا پاڻ جلايان!

⊙⊙⊙

٢- سيني کي ميسر ٿي مليو - عيش ۽ عشرت-
پر منهنجي مقدر نه ڪئي اهڙي عنايت آهه!
٣- هر ڪنهن جي دل بهار آهه - هرڪو آهي موج ۾-
پر مان اُهو آهيان - خوشي جنهن کان جدا آهه!
٤-جنهن کي چيم پنهنجو - اُهو به ته ڇڏي ويو-
کهڙو ڏنائين ڏوهه - جو ناراض ٿي پيو آهه!
٥- هاڻي ضيا مان ڇا ڪريان - چانڊوڪي رات کي-
ڪاڏي ڪريان بهار ۽ بلبل جي لات آهه!

○○○

''گيت ٢٠''

ڪڏهن منهنجي اڱڻ ۾ ايندين-
اڇي منهنجو محرم ٿيندين!
١- ڏرو نه مونکان تون دور رهجان ءِ-
دل منهن جي کي تون راضي رکجان ءِ!
٢- بادل گرجن ٿا - ڪنوڻ ڪڇي ٿي -
جن کي ڏسيو ڇاتي ڇڇي ٿي!
٣-دلبر مون سان ساڻ رهجان ءِ -
هر وقت سار لهجان ءِ - سار لهجان ءِ!
(مون کي هرگز پلجي نه وڇجان ءِ!)
٤- لڙڪن جي ٿي مالها بڻايان-
اچ نه ڳچيءَ ۾ تنهنجي پايان-
٥- منت ضيا جي يار مڃجان ءِ - يار مڃجان ءِ!

○○○

۱- مُنهِجي ۽ مان هجان، تون هجين گانو هجي،
ڪوڪو ڪوئل جي هجي، ۽ بلبل سنديون باتيون هجن.

۲- تنهنجي اکين جي اشاري سان ٿلڪسجي وڃان،
تنهنجي نيڻن ۾ سمايل، قرب جون ڪاتيون هجن.

۳- تون منهنجي سامهون هجين ۽ مان تنهنجي سامهون هجان،
خاص تنهنجون ۽ منهنجون، وڻ هيٺان ملاقاتون هجن.

۴- مان تو لاءِ ماندو رهان ۽ تون مون لاءِ ماندو رهين،
هڪ ٻئي جي لئہ ضيا دليون ٻئي آتيون هجن.

OOO

غزل ۳

"ڪوليان وڃي"

وزن : مفعول فاعلاتن - مفاعيل فاعلن

۱- ڪوليان اي دل دکن جو وڃي داستان ڪٿي،
هلڪو ٻڌاءِ بار غمن جو ڪيان ڪٿي.

۲- ڦاٿس نفص ۾ خاڪ ٿي منهنجون خوشيون ويون،
گلشن ڪٿي، بهار ڪٿي ۽ آشيان ڪٿي.

۳- ٽڪڙو قدم نہ عشق جي رستي ۾ ڪڻ ڪڍهن،
ٽڪجي پوين نہ وچ ۾ دل نادان ڪٿي.

۴- پنهن جو پساءِ پاڻ ڪيان سجدهہ تو اڳيان،
تو بن وڃان وفا جو ڪٽي تحفہ مان ڪٿي.

ضيا جا غزل

غزل (١)

”سورن جي ڪهاڻي“

وزن : مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن

قلهہ: سورن جي ڪهاڻي آ، توکي نہ ٻڌائيندس
دردن جي ڪهاڻي آ، توکي نہ سڻائيندس.

١- اهڪ پاسي آهي درياهہ ٻئي پاسي آهي آتش،
موت آهي ٻنهي پاسي، ڪيئن جان بچائيندس!

٢- هيءَ ڳالهہ اها آهي ٻڌندي تہ روئي ڏيندين،
رئندين تہ مان بہ رئندس، رودن نہ وڌائيندس!

٣- ڪوشش نہ ٻڌڻ جي ڪر، ٻڌندين تہ وليندين ڇا؟
ورڻو نہ ضيا آهي سڀ سيني ۾ سمائيندس!

۞۞۞

غزل ٢

”تون هجين“

وزن:- فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن

قلهہ: تون هجين ءِ مان هجان، برسات جون راتيون هجن،
باغ ۾ بئُلڪ هجي ءِ ٻڙهہ سنديون باتيون هجن!

غزل ۵

جي دلبر منهنجي گهر ۾ پير پائي ها تہ چڱو ٿئي ها-
پان سهڻو پاڻ وٽ مونکي گهرائي ها تہ چڱو ٿئي ها.

۱- جدائي ۾ مريضي عاشق پنهنجو دم ڏنو آخر-
مرڻ واري کي دلبر جي بچائي ها تہ چڱو ٿئي ها.

۲- ولي دل ۾ ڪري ٿي قابو - جي هن کي هٿي دغا ڪرڻي-
تہ منڍ ۾ بي وفا مونکي ڀڏائي ها تہ چڱو ٿئي ها.

۳- ضيا جنهن سان ناتو عمر ساري بنايو مون-
اُهو جي توڙ تائين هو نباهي ها تہ چڱو ٿئي ها.

۞۞۞

غزل ٦

ٿلهہ - دل تي غم جو بار آهي ڇا ڪريان!
دلبر ڀانئيو ڏار آهي ڇا ڪريان!

۱- ڪيئن دلبر وٽ پهچي سگهان-
در تي پهريدار آهي - ڇا ڪريان!

۲- هڪڙو پل بہ ڪين ٿو هن بن وسري-
عشق ڪيو لاچار آهي - ڇا ڪريان!

۳- جنهن کي پنهنجو يار ٿو سمجهان ضيا-
سو ٿيو ٻين جو يار آهي - ڇا ڪريان!

۞۞۞

٥- اَئي رشڪ ماهه هيڏانهن بي منهن ڪي وراءِ ڪجهه،
تصوير تنهنجي دل ۾ چڪي جڏهن رکان ڪٿي.
٦- ڪنهن غمزده جي دل کي نه هرگز ستاءِ شوخ!
ڪنهن جي نه لڳيئي آهه بري ڪا متان ڪٿي
٧- هلندو رهي تو عمر جو ٽڪڙو هي ها قافلو،
ڏسجي نه وڃي ڀي تو اِهو ڪاروان ڪٿي.
٨- تنهنجي لئي عشق مونکي نه آ بي گهر ڪري ڇڏيو،
هاڻي ڳڏاءِ جوڙيان پنهن جو مڪان ڪٿي؟
٩- ڪاڻي ضيا شڪايتون شڪوه ڪٿي وڃي،
ٿيندي سجائي پنهنجي هيءَ ملاقات ڪٿي.

ooo

غزل ۴

ٿلهه : مون سان تڪرار ڇو ڪرين سهڻا!
ڇڙو انڪار ڇو ڪرين سهڻا؟
١- تنهنجو اڳيئي يار مان آهيان!
پوءِ ٻيو يار ڇو ڪرين سهڻا؟
٢- تو بنا يار مان مري ويندس!
بي سبب ڏار ڇو تو ڪرين سهڻا؟
٣- روز شب تو روئي ضيا تو لاءِ!
اُن کي ايڏو لاچار ڇو تو ڪرين سهڻا؟

ooo

غزل ٩

قلهہ - ڪيو تو واعدو، مون سان وفا جو،
نہ پاڙيو تو سو، قسم آهي خدا جو.
١- تنهنجي اُميد تي، جيئرو رهيس تي،
دلاسو تو ڏنو هو، مونکي دوا جو.
٢- جڏهن ظلم ستم، تنهنجا ڏسان ٿو،
تہ پوي ٿو ياد اُهو قصو ڪربلا جو.
٣- ڏلئي ڪهڙي خطا، مون بي خطا جي،
جو دشمن ٿي پيو آهين تون ضيا جو.

۝۝۝

غزل ١٠

١- ڪارا وار هٽائي منهن تان منهنڙو يار پسايو آ،
چوڏهن جو چنڊ ڪڪرن مان، جڻ ٻاهر نڪري آيو آ!
٢- چانڊوڪي ۾ سهڻي جو ٿيو، اهڙو حسن سوايو آ،
چنڊ بہ ڏسندي محبوب جي مکڙي کي شرمايو آ!
٣- گلشن ۾ اڄ گلڙو آيو آهي گلابي ويس ڪري،
چيو ڪلين کي گلن - اسان جو سهڻو ساٿي آيو آ!

۝۝۝

غزل ۷

ٿلهه - مهمان ٻڻجي مون وٽ اڄ رات يار ايندو
منهنجي آڱڻ ۾ ويهي - مون سان دل ڳنڍيندو

۱- اڄ رات جو هئي سُر ڪي درد جا آلاپي،
دل پنهنجي مان ٻه ڏيندس - دل پنهنجي هو ٻه ڏيندو!

۲- دلبر منهنجي آ دعاوت تقدير سان قبولي،
گهر منهنجو اڄ پرستان جنهن جي اچڻ سان ٿيندو!

۳- قدمن ۾ عرض رکندس - اگر محب مونسان جي مليو،
آهن ضيا اُميدون ته هو منت ڪي مڃيندو!

⚬⚬⚬

غزل ۸

ٿلهه - آئين ته ڪجهه اُميد ٿي - وئين ته دربدر ڪيئه-
هتان وئين اوچتو - قياس نه ڪو مگر ڪيئه!

۱- جاڻي ضيا ٿو هڪ ڏٺي - دل کي وئين اوچتو ڪٽي-
تير نگاه جا هڻي تو - زخمي دل ۽ جگر ڪيئه!

۲- تنهنجون ڏسي نزاڪتون سر تي کنيم مصيبتون-
کهڙيون ڪريان شڪايتون، ظلم عمر ڀر ڪَيئه!

۳- تنهنجو اچڻ وري وڃڻ - تنهن جو لاءِ ضيا جو مرڻ-
توکان سواءِ ڇا جيئڻ - ڏکيو منهنجو گذر ڪيئه!

⚬⚬⚬

"قرب نامو"

ٿلهه - ساجن دير لڳائي، يلا چَڇا جي ڪري!
رات جو ننڊ نه آئي، ڇو يلا ڇا جي ڪري!

١- ديس ڇڏي پرديس هليو ويو آهي،
محب ڏني مونکي سال ٿيو آهي،
ماري ٿي مونکي جدائي! ڇو يلا...

٢- قرب جا ڪاغذ خوب لکيا ٿم،
ماڻهون هٿيڪا ڪئين مڪا ٿم،
پهچ چٺيءَ جي نه آئي! ڇو يلا...

٣- دل کسيندو يار هليو ويو،
ضيا ڪري ڦر مار هليو ويو،
دل مون هٿن سان وڃائي! الائي ڇو يلا...

○○○

"ڪبوتر هٿ سنديش"

ٿلهه- ڪبوتر ڪج مون سان مهرباني،
وٺي يار کي هي چٺو ڏي نشاني!
١- چٺِجس ته پنهنجي آگر مبارڪ ۾ پائي،
رفيقن کان ليڪن چٺي کي لڪائي،
نه ڪنهن کي چٺي جي حقيقت سڻائي،
متان دشمنن ۾ ٿئي بدگماني!

غزل ١١

رکي رکي ٿا ڳين چشم اشڪبار اڃان،
وسن ٿا مينهن بنا مند جي بار بار اڃان!

١- اُهي لالون اُهي چگهه مقدر جا،
ڏسي ڪا ظاهري زينت مونسان رهي تو ڪو سازگار اڃان.

٢- نظر نظر سان ملي ٿي نه دل وسان ٿي وڃي،
نه پنهنجي دل تي رهيو آهي اختيار اڃان.

٣- هزارين واعدا فراموش جا آزمايا ٿم،
تڏهن به تن تي رهيو آهه اعتبار اڃان.

٤- هزار بار جيئڻ ۽ هزار بار مرڻ،
ٿيان ٿو رنج ۽ راحت سندو شڪار اڃان.

٥- جهان ڪان ويس ۽ ويس مان عقبيٰ ڪان،
هتان هتان ڪان وڃان پيو ۽ ٿيان ٿو خوار اڃان.

٦- خطا حواس ٿا ڪن، پر ٿيان ٿو مان بدنام،
تڏهن يي لوڪ سڏي ٿو گنهگار اڃان.

٧- جو زهر آهه مان سمجهان اُنهيءَ کي آب حيات،
نه فرق جي ڪا خبر ضيا آهيان هار اڃان.

٥٥٥

"سهڻي مهيار"

(۱)

ٿلهه: ملنديـن محب مٺا ميهار - ٺار منجهان اچي تون ٺار
۱- ٺارڻ وارا ٺاريندين تون - پار اُڪاريندين تون
هٿ ڏيئي ڪر پار -ملنديـن........
۲- توسان رکيو مون نينهن جو ناتو - من آهي تو لاءِ ميهر آتو
سهڻيءَ جي لهه سار - ملندين........
۳- توکي ڇڏيندس مور نہ دلبر - داسي ڪان رهہ دور نہ دلبر،
جڏيءَ کي جييار -ملندين......
۴- روئي روئي حال وڃايان - تولاءِ ضيا ٿي نت واجهايان
رڻان ٿي زارون زار - ملندين........

٥٥٥

"سهڻي مهيار" (۲)

ميهر سان ملان شل درياهہ جي ڪناري
ميهر تو پڪاري........
ساجن سان اچان گڏجي - گهڙي ڪن گذاري....
۱- تڙهو ٻڌي توڪل جو اديون - پار وڃان ٿي
ٻيڙو نہ پنهنجو ٻچان ٿي

٢- چلو ڇهنب ۾ وڃ، ڪٽي تون سنڀالي،
حفاظت سان دلبر جي ڪج تون حوالي،
گهڙيو هي چلو آهي سوناري نياري،
سنڀالي ۽ سانڍي رکج يار جاني!

٣- ڪبوتر چلو آهي دل جي امانت،
امانت جي توکي ڪريان ٿو مان پات،
چلو هي آهي ضيا يادگاري محبت،
باقي دنيا سڄي تون سمجهه آهي فاني!

OOO

٣- تنهنجي رهندس تنهنجي آهيان -
توبن ميهر ڪنهنجي نہ آهيان
ضيا گهري بہ ڪانہ گذاريئہ - مونکي........

000

"سهڻي مهيار"(٤)

توکي سهڻي ويلي سنڀاري
ويلي تنهنجون والون نهاري ... ميهر ملندين
١- دلبر ڏيندين دل کي دلاسو
ڪر نہ مٽَي ڪان ميهر پاسو
مان آهيان تنهنجي پناري ..... ميهر ملندين!
٢- مان اڻ تار تري نہ ڄاڻان
واهُ سڻائو ڪين سڃاڻان
آهيان پيڙِڙي تنهنجي سهاري .... ميهر ملندين!
٣- وچ سير ۾ ڦيندين ملا تون سائي
ايندين پنهنجو ننگ سڃائي
ڇڏ ڪين ضيا کي وساري .... ميهر ملندين!

000

مينهين جو وٺي ڏڻ جتي ميهر ٿو چاري
ميهر ٿو چاري! درياهه ڪناري........
درياهه جي ....
٢- پلي ٿوڪيو پلي روڪيو - مگر آءُ ڪين رهندس
محبوب سان ملندس
ساجن جو چڙهي سنگهه وهان ور ڪيئن وساري. درياهه جي ....
٣- هت مان ٿي رهان ماندي -
هت يار به آهه ماندو، دلدار آ ماندو
هر وقت ضيا ساه ٿو ساهر کي ساري........
هت يار به آهي ماندو
درياهه جي ....

٥٥٥

"سهڻي ميهار"(٣)

ٿلهه: مونکي ميهر مشڪي ماريئه -
دل منهنجي دوست ڏُتاريئه
١- ڪل نه ڪنيارڻ کي ڪا پيئي -
هت سان دل کي ويلس ڏيئي
باهه برهه جي ٻاريئه - مونکي........
٢- منهنجي اکين سان اکيون ملائيئه -
سهڻي صورت پنهنجي پسايئه
عشق جو جام پياريئه - مونکي.......

"عمر ماروي"

(۱)

ٿلهه: جاڻ اباڻا اولي پنڌ پڇائي ايندا
ماروئڙا سانگيئڙا - نال نماڻي نيندا

۱- مارو مٺا موچارا - ملندا اُهي ٿر وارا،
ياد ڪريان جن کي ٿي ساڻ وٺي ويندا!

۲- ڏيهه اباڻو ڏسان - پنهنجي پريتم کي پسان،
موڪل ڏي مير عمر ٿورا تنهنجا ٿيندا!

۳- نيڻ نماڻا رئن، سانگين ڪاڻ سڪن،
مارو ضيا شال اچني، دل کي دلاسو ڏيندا!

ooo

"عمر ماروي"(۲)

۱- مان سانگيڙن کي سنڀاريندس،
پنوهارن کي پڪاريندس!
ڏنارن ساڻ دل آهي،
هنجون تن لاءِ هاريندس!

۲- پيارا ٿا لڳن مونکي،
پکا پنهنجي پونهارن جا!
تنهنجي ماڙين ۽ بنگلن کي،
ڌڪاريان ٿي ڌڪاريندس!

”سهڻي مهيار“(۵)

ٿلهه: ميهر جي مان آهيان سرتيون، ميهر جي مان چوائيندس
دور ٿڌهن دک منهنجو ٿيندو، پريتم جڏهن مان پائيندس

١- پريتم جا جت پيرا ڏسندس،
سڪ سان تن جي اکيان نمندس،
خاڪ سندس قدمن جي ڪٽندس،
اکين ۾ سا مان پائيندس!

٢- مون ڪي هن ۾ پار پڪاري ٿو،
مان تنهن ڪي ڪين ڀلائيندس،
جيڪو ساعت ساعت ساريُ ٿو،
منهنجي ميهر وات نهاري ٿو!

٣- ٿار مان مونکي ترڻو آهي،
عشق ۾ مونکي مرڻو آهي،
پٽ تي ضيا ڪين ورڻو آهي،
مان اڳتي پير وڌائيندس!

○○○

"عمر ماروي" (٤)

ٿلهه: پنهنجا سانگي مان زور سنڀاريان
روئي تن جون ٿي راهون نهاريان

١- ڪڏهن اولي اباڻا ايندا، ولي نال نماڻي نيندا،
هت ڪولن ۾ ڪيئن گهاري
٢- ٻنگلن تنهنجي ٻاهر ڏيان، ور ڪي ڇڏي هت ڪيئن وهان
شل واڳون وطن ڏي واريان
٣-لوئي پنهنجي ڪيئن لاهيان، ريشم تنهنجا ڪيئن مان پايا
ضيا هرڪ ڇو پنهنجو هاريا

○○○

"عمر ماروي" (٥)

ٿلهه:ڪير مارئن ساڻ ملائيندو - ملائيندو، ملائين
ڪير مونکي حال ٻڌائيندو - ٻڌائيندو، ٻڌائين

١- هت بي وس آهيان - وس نه اٿم-
پڄي نڪرڻ جو ڳس نه اٿم.
۽ هت ۾ ڪاغذ مس نه اٿم-
ڪو منهنجو مارئن کي نياپو پڄائيندو
٢- نڪو ٺر وارو ٺو نظر اچي-
ڪو سار نه مُٺيءَ جي لهڻ ٿو اچي
نڪو اُلن جو ڪو ٿو ولر اَچي-
ڪير بند مان مونکي بچائيندو!

٣- ڳنڍيل آهي ڪيت سان ناتو،
اُهو ناتو نه ٽوڙيندس!
مليو جيڪو مونکي ور آ،
اُنهيءَ ساڻ گهاريندس!

٤- انهن کي ڏي وڃي لالڻ،
ضيا جي لالڻ آهن!
مان تنهنجي لوڀ لالڻ تي،
نه پنهنجو هرڪ هاريندس!

○○○

”عمر ماروي“ (٣)

ٿلهه: ٿرن برن ۾ گهارڻ واريون
پلنگن تي ڪيئن وهن ويچاريون

١- اُٺي اَسر جو ڪم ڪن گهر جو،
ڏينهن سڄو ڪن پورهيو پڳهر جو،
پاڻي ڀرڻ پوءِ وڃن پنوهاريون!

٢- ڀور لڪر تي شڪرانو ڪن،
لب لالڻ تي ڪين ٿيون هرڪن،
هلن حياءَ سان شرم جون ماريون!

٣- ڪاڄ عمر تنهنجا ڪين ڪپڻ ٿا،
پٽ پٽيهر ڪين وڻن ٿا،
ڏٺ ڪائي ضيا وقت گذاريون!

○○○

"عمر ماروي" (٧)

ڏوهيڙا:-

عمر: عمر چيو اي ماروي - ڪجهه سمجهه سياڻي،
ڇڏ پچر پونهارن جي - ڇو ٿي بڻجين اياڻي،
ويهه ڪلي چڙهه ڪٽ تي - آهين راڻين جي راڻي،
هت حاڪم زاديون سڀئي - تنهنجو ڀريندون پاڻي،
ڇڏ هوڏ ٻاراڻي - ويهه سيج تي لاهي لوئي پراڻي!

ماروي: تنهنجي سيج پلنگ ڪي - مان عمر ٻاهه ڏيان،
شرم سڪ تون سومرا - رک من ۾ مرم ميان،
مور نه تنهنجي ملڪ جو پاڻي آءٌ پيان،
ور وساري پنهنجو - ڪيئن تو وٽ امير وهان،
وڃي گهر ڀيري ٿيان - موڪل مونکي ملير ڏي!

ooo

"عمر ماروي" (٨)

ٿلهه: عمر ٿر ڏي موڪل - ٿرياڻي مان آهيان
سڪن مان ڇا ڄاڻان - جهلياڻي مان آهيان

بيت: چڱي ناهي سومرا اِها تنهنجي چال
زوري نه ڪر ضعيف سان هيڻو ڏسي حال
ڪري ڀلايون ڀال - موڪل ماروئڙن ڏي

١- ڇو اَبلا کي ايڏو عمر تو اُڇائين
نظر رحم جي ڪر - نماڻي مان آهيان

٣- نکو لوهي ڪوٽ ٿو ڪير پڇي -
نڪو ڪانءُ آهي جو منٿ مڃي!
٤- منهنجي خاطر ٿر ڏي اُڏامي وڃي -
ڪير ضيا عرض آگهائيندو!

۞۞۞

"عمر ماروي" (٦)

ٿلهه: ساعت ساعت سانگي ساريان -
ويڙهيچن جي واٽ نهاريان.
١- اجان نہ اولي آيا آباڻا -
سڪ ۾ تن جي ٿيا لنڱہ ساڻا.
روز رئُن ٿا نيڻ نماڻا -
آب اکين مان ويٺي هاريان!
٢- پريت پنوهارن سان پراڻي -
سڪ ۾ تن جي ٿي آهيان ساڻي.
ٿر وارن جي مان آهيان نياڻي -
محلن ۾ ڪيئَن هت مان گذاريان.
٣- ڪوٽ ۾ قيد ڪيو آهي قسمت -
آهي ضيا ٿي هيٺي حالت.
عمر ستيءَ جي رکہ تون عزت -
پل پل پيڪا پيئَي پڪاريان.

۞۞۞

"سسئي پنهون"

(١)

ٿلهه - خاڪ تنهنجيءَ کي لائيندس مان
در در الک جڳائيندس مان

١- ڏونگر ڏکه جا ڏوري ويندس،
ساجن تان سر گهوري ويندس،
دنيا کان منهن موڙي ويندس،
پتا پنهل جا پڇائيندس مان!

٢- ڪيچ ڏي ويندس ڪاهي پينر،
لاڳاپا سڀ لاهي پينر،
هاڻ پنيور ۾ ڇاهي پينر،
اڳتي پير وڌائيندس مان!

٣- ڪيچن جي ڪل مور نه پيئي
ويري ٿي پيا ضيا سيئي
ڏير ويا ڏکه مونکي ڏيئي
لالڻ سان لنو لائيندس مان.

٥٥٥

بيت : ماڙيون محل ڇپر - نيبهہ توکي هجن
ڳهہ بہ پاءِ اُنهن کي -جن کي تنهنجا سونهن
اسين جهانگي جهنگل جا آهي جهنگل اسانجو ڏن
ڏا کائڻ مونکي اچن - سکہ تنهنجا سڀ سومرا!
٢- اُهي تنهنجا سکہ ويري ٻڻجي وڄن ڏا
سکن کي ڇا سمجهان اياڻي مان آهيان!
٣- ضيا آهي اُڻ تڻ اباڻن جي مونکي
سانگيئڙن جي سک ۾ ڏي ساڻي مان آهيان!

○○○

''عمر ماروي'' (٩)

چوين جنهن کي ڏو فقير عمر - سي مارون منهنجا اڏئي مير عمر

١- پل ڪپڙا انهن جا ليڙون هجن -
تہ بہ ريشم وانگر سي ڏا لڳن.
پلي پڻسو هجي ڪين پورو وڻن -
تہ بہ آهن اهي اوڻي امير عمر.
٢- سمجهان سون وطن واري ڏي -
سمجهان برپٽن ۾ بہ بهاري ڏي.
ڪريان ضيا توکي نيزاري ڏي -
مونکي موڪلِ پنهنجي ملهير عمر.

○○○

"سسئي پنهون" (٣)

ٿلهه- مان ڪيئن وڃان ٿي ڪاهي اديون-
هتان لاڳاپا سڀ لاهي اديون.

١- پنهن جي خان کي ڳولهڻ ويندس مان-
پنهن جي خان کي پيئي سڏيندس مان-
وري پلٽي موٽي نه ايندس مان -
چو ته آس ملڻ جي آهي اديون.

٢- چو ٿيون جهليو سرٽيون چڙهي ڏيو -
اُتي مان وڃان ٿي جتي پنهل ويو-
جت يار نه منهن جو آهي رهيو -
اُن شهر ۾ هاڻي چاهي اديون.

٣- پلي پير پٿون برپٽن ۾ ٿين-
پل نانگ بلائون ڏنگ هڻن-
پل شينهن ضيا - واڻن تي ملن-
مونکي خوف نه ڪنهن جو آهي اديون.

٥٥٥

''هير رانجهو''

(١)

ٿلهه- ڪر مهر ڪا مونتي ماسي-
آهيان ميهر ڪاڻ اُداسي!

١- ڪيڙو منهنجو ڀاڱ ڏين جو-
آهيان سندس همشير-
١ منهنجو ناتو رانجهن سا آ-
پردو رکندم پير!
مان تہ آهيان اُن جي داسي!

٢- رانجهن منهنجو سائين آهي-
آهيان تنهن جي گولي-
ڪَئي مون آهي تنهن سان هردم-
هانهي ٿيڻ جي ٻولي
مان تہ آهيان، تنهن جي پياسي!

٣- تخت هزارا پنهنجو ڇڏي-
جو مون لئہ بڻيو فقير
پڙهو نڪاح انهيءَ سان منهنجو -
آهيان ٿي دلگير
نہ تہ ''ضيا'' ڏيو مونکي ڦاسي!

⊙⊙⊙

''سگريٽ باز جا گفتا''
''سوناائي''

''منهنجو ڪلام آ'' (1)

وزن:- فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

منهنجو ڪلام آ ڪن جي لئہ ڪارو ڪٽو،
ڪي ٿا سمجهن بيت راشن جو الو.
مان ڪريان ساراه پر سمجهن گلا،
کهڙو ماڻهن کي لڳو آهي چَٽو.
ڪانگريسن ڪان لکي گهمندو وتان،
خوف آ، هي ڪن متان جهيڙو جهٽو.
جيڪي هٽ ليڊر هئا، هٽ پي اُهي،
ليڊريءَ جو جڻ لڳايو ٿن پٽو.
اهڙا ماڻهن جا مکي آهن ٿيا،
جيڪي لاهي ٿا وجن، بت تان لٽو.
قرب تن آفيسرن سان ٿو ڳنڍيان،
جيڪي ڪئمپن ۾ ڏين سَڪِٽو ڏٽو.
مونکي راشن ۾ ڪپن سگريٽ ٿا،
۽ ڪپي ''سوناائي'' دارون جو وٽو.

⊙⊙⊙

"سسئي پنهون" (٢)

ٿلهه- ويو پيهي پائي مون سان، ويو پيهي پائي-
ڪير سهڻل کي سمجهائي - ويو .....

١- اُٿي آڌي رات جو ميان -
ويا اُٺ جون واڳون ورائي -
مون کي ڪين ويا جاڳائي!

ڏوهيڙو - پنهون پنهون پيئي ڪريان-
مونکي پنهون ڏي نه جواب!
دانهن ڪري درد مان -
پيئي وهايان اکين آب!
آهي جيئڻ ٿيو عذاب -
پنهن جي هوت بن اديون!

٢- پاڻ وڃايان ٿي ميان -
پنهن جي يار پنهل کي سنياري-
مون هاڻ پنيور ٿو ڪائي!

٣- پاند ڳچيءَ ڳل پائي ميان-
ضيا بديون ٿي بخشايان -
ٿل وصل جي واڳ ورائي!

٭٭٭

”چوپن لاءِ ڇهڙ“ (3)

وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

چيئرمن ڇڳي رات مجلس رچائي،
خوشامد ڪندڙ سڀ وَيا مال کائي.
۱- ڪلي ٿي اُتي چاپلوسن جي ٽولي،
ٻٽي ٻولڙيا جيڪي ٻولين پيا ٻولي.
انهن ڪيئن نه محفل جي سوڀيا وڌائي،
۲- مڇي هئي تريل، ڪيڪ ڪيمي جا آيا.
ڪُڪڙ ڪوفتا سيني ڪائي ڪپايا،
ٻڌل گيهه ۾ قلڪا برياني به آئي.
۳- هئا چپس پي خوب ڪونٽرا ۽ ڪوسا،
سوادي ٿهيل هوا سمورا سنبوسا.
اڪيلو اڪيلو ٿي ڪاڏائون ملائي،
۴- تڙيل آيا پاپڙ اُهاريل پٽاٽا.
مزيدار چٽڻي - ڪچومبر ٽماٽا،
نمبروار هر چيز ٿي دل لپائي.
۵- مون ”سوٽائي“ کي پي گهرايو وڃي ها،
مزو محفلن جو وٺايو وڃي ها،
مگر معتبر کي نه مت ڪائي آئي.

○○○

"ڇوڪرين جو مان" (2)

وزن:- فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن/فاعلان

ڇوڪرين جو مان آهي - ڇوڪرا رلندا وتن،
عورتن جي لئي خوشامند - مرد پيا لڪرائجن.
ڪئمپ جي آفيس آهي يان نمائش گاهہ آ،
حسن واريون ناز نخري سان نظر پيئون اچن.
جيڪي دفتر ڏا اچن تن جو ٿئي ٿڪ دور ٿو،
دور کان درشن ڪري مشتاق راضي ٿيو وڃن.
نوڪري جي لاءِ گهرجي سونهن جو سرٽيفڪيٽ،
علم ۽ تعليم جي پرواهہ نہ آفيسر رکن.
اڄ عملدارن کي آهي - پنهنجو من وندرائڻو،
قلم جي صدقي پلي آفيس جا ڪم پيا رلن.
ڏا ٿين مايوس مسٽر مئٽرڪ ۽ بي - اي پاس،
ڇئن درجن واريءَ مس کي ڏا وڏا درجا ملن.
سوٽ جي پرواهہ نہ آهي - گهاگهرو آهي پسند،
اڄ ڇڳا ماڻهون بہ ٻن چوٽين ۾ ڏا ڦاسيو وڃن.
نوجوانن جو ڀلا ڪيئن داد "سولائي" لئي،
منهن ملوڪن جو ڏسي خود معتبر ڪرجيو پون.

✿✿✿

١٠- ڪپڙا اُت ڌوتا ڌوبين ٿي - للا سليان ٿي هٿ نندين ٿي
روز ڪلين جيان ڪنپ ٿي چاڙهيان- اٿم اندر ۾ گهاءُ - پلي....
١١- ڪاليون ملن ٿيون پاٽيءَ واريون-ڦوڪون ڏيئي باهه ٿيون ٻاريون
دونهين اکين جو نور وڃايو - ڪهڙو ڪريون اُپاءُ - پلي...
١٢-راشن ڪهڙو مٺا ڏين ٿا - گند مٽي ۾ ڪنيو هٽن تا
هڪ شيءِ ملندي، ٻي شيءِ ڪلندي- تہ بہ پيا ڪندا وڌاءُ -پلي...
١٣- هلي ٿو راشن ڪين سمورو- گهہ ٻاري ڪيون وقت ٿا پورو
ڪلي جي خاطر ٻار رئن ٿا - لهندو ڪير سماءُ پلي .....
١٤- پٽنيج آهن پنهنجيءَ ۾ پورا -مطلبي آهن مکي سمورا
هٽن وات جون روز لهاڙون - سچا ڪندا نهراوَ - پلي ....
١٥- رولي جا ٽيبل، پلنگہءِ ڪرسيون - وڏن ماڻهن جي گهرن ۾ ڏسبيون پلي ...
١٦- پوهوءِ ماءُ جون ٻڌي هي ٻالهيون - سولائي جون اکيون ٿيون آليون
وسري ويس سگريٽ چڪڻ ٻي - دل کي لڳس ڌڪاءُ - پلي ..

ooo

''بمبئي جا هوٽل وارا''

(٦)

بمبئي جا سڀ هوٽل وارا،
من جا ميڙا، منهن جا ڪارا.
١- چانهہ ۾ پائوڊر وجهندا رهندا،
ڪوپ ڪٽي ٽيبل تي رکندا،
سڙ پيين ٿا گراهڪ ويچارا.

"پلئي تي پوهوءَ ماڻ" (4)

کنڊ پچي شل کانگريسين جو، کيو اٿن کنياڻ

١- للا نديءَ تي ڏوئي ويلي - اڳوانن کي لوئي ويلي،
منهن کي سچائي سلي ٿي کپڙا، تکو انس کو تاڻ - پلئي...
٢- سنڌ سموري ڏنائون جلن کي - مت نه مهل تي آئي مٺن کي
جناح کي ٻيي اسان جو دل ۾، کين پيو کهڪاڻ - پلئي ...
٣- سِر تي آئي تڏهن لڏيوسين - پنهنجو ملڙو ملک ڇڏيوسين
هت به ڦرياسين، هِت به ڦرياسين - لڳو کواُبتو واڻ - پلئي.....
٤- هڪ جيڏين سان حال وندي ٿي -کانگريسين تي ڇوهه ڇنڊي ٿي.
ڇوي ٿي ته انهن ئي آ رلايو - کونه کيائون کو لاهه-پلئي...
٥- يارهين وارو پير کو پچندن - لال سائين کا اُبتي هٽندن
کئمپ ۾ آلي ڦلو کيائون - ڏيئي اَلي جو پاڻ - پلئي...
٦- پنهنجي وطن کان اسين وياسين -کني ملک ۾ اچي پياسين -
رکا هتي جا ماڻهون آهن - کهڙو مٺن ۾ ساڻ - پلئي...
٧- مکي نکو کم کري ٿا جاڻن - پنهنجو فقط پيٽ پري ٿا جاڻن،
پاڻ جهڙن جي کن ٿا خوشامد - رهو رکن دهاڻ - پلئي...
٨- ٻڌان ٿي کنبل آيا آهن - گهرجائن کي پر ملٽا ناهن
تن کي ملندا، جن جي طرفان - چڱو هوندو چڻه چاڻ - پلئي...
٩- پيڙ لڳي ٿي کاکوسن تي - وهن ٿيون پينر تڏهن گسن تي
اُللو مکني چون زالن کي - ناهي شرم حياڻ - پلئي...

٢- عجب چال سان هو قدم ٽيون وڌائن،
هزارين کي هلندي متر کا هٽن ٽيون،
چڱي مائٽن تي ٽيون ڪن مهرباني،
ڪري خرچ هو خانداني رکن ٽيون.
٣- اُها سنڌ واري اڃا لوڌ آهي،
ڏسڻ سان گهٽن جون مٽيون منجهن ٽيون،
ننڍين کي ڏسي شوق ٿئي ٿو وڏين کي،
ڪُراڙيون به سلوار پائي هلن ٽيون.
اڳي دم لڳائي ٽيو سونائي مشهور،
هينئر عورتون به ڪيئن نه سونا هٽن ٽيون.

٥٥٥

”لڳي پيو اُبتو واءُ“ (8)

لڳي پيو اُلٽو واءُ -
مڙس زال کي ٻيڻ ٿو ڪوٺي - زال مڙس کي ڪوٺي ٻاءُ
١- ماڻهو لڄڻ وڃائي ويٺا - هند ۾ پاڻ لڄائي ويٺا
آهي وڏي اڻ هوند کي لعنت - رهيو نه آهي شرم حياءُ
٢- مليو ٿي مفت جو راشن جيسين - سک ۾ پريم رهيو ٿي تيسين
سداورت جي بند ٿيڻ سان -ڪيو نه سک ۾ جتاءُ-
زال مڙس کي ....
٢ جيڏهري مڙس لڳي ٿو فوٽي -رکي ٿو زال جي سر تي پوٽي
اڄ ڪان وٺي تون آهين منهنجي - سڳي ٻيڻ ۾ جيجل ماءُ-
زال مڙس کي ....

٢- آئي وئي جي ڪل تا لاهين،
رهنئي مان پنهنجي رپيا تا ناهين،
هيءَ ڇي آهن هي سڀ هاڪارا.

٣- چانهه ۾ مکڻ کي قولو سمجهن،
سڄي چولي تي ڪَنجهن ۽ ڪُرڪَن،
پيٽ وارو پل پيو ڏئي اوڪارا.

٤- ڪنهندا رهندا ڪنگهندا رهندا،
چنڊا پيا ڪاڏي ۾ پوندا،
خوش پيا ٿيندا ڪائڻ وارا.

٥- ٽيبل تي پيا ڪپڙو گهمائين،
ڪرسيءَ تي هٿ مور نه لائين،
چڪ پيا هٽندا مُنگهڻ متارا.

٦- مهني مهني وڃو مڻائين،
مزو پگهر جو خوب ولائن،
ناخوش ٿيندا سونائي پارا.

ooo

"نينگرين جا سينگار" (٧)

١- نوان نينگريون روز سينگار ڪن ٿيون،
ڪري ويس فيشن جي عزت رکن ٿيون،
الٽي لپ ڳلن تي ٿيون پنهنجي لڳائن،
ڏئي رنگ ڪنهبو چپن کي گهمن ٿيون.

٣- اُهو ڪي ڪر جو توکي ڪو پير ۾ وهاري،
سڏي چاهه سان چانهه پاڻي پياري.
ڇڏا ٿا ڇون سڪ ڇڱو ڪو لهڻ تون،
٤- جي خاموش رهندين ته سگريٽ ملندءِ.
صبح شام سوڊا ۽ لمليٽ ملندءِ،
ڇڱو مڙس آهين، ڇڱو مڙس بڻ تون.
٥- چيئرمن برابر هلائي تو پنهنجي،
ٿئي ٿي ڳالهه عام ماڻهن ۾ جنهن جي.
مگر توکي گهرجي ٿي سڀ جو سڄڻ تون،
٦- ڪرين ٿو پرائي پچر ڇو اجائي.
ڪرين ڇو ٿو ظاهر تون ڪنهن جي برائي،
نه سوڻائي ڪنهن پڻهچ جو رنج ڪڻ تون.

٥٥٥

"پڻنچن ڪي صلاح"

(10)

ٿلهه: پاڻ ۾ پرچي هلو پڻنچو رسڻ ناهي ڇڱو.
هڪ ٻئي جي هيڻن ڳالهه پرپٽ ڪرڻ ناهي ڇڱو.
١- جيڪڏهن دارون جوڙڪ پڻٽو اٿو، ڳڏجي پٽو،
پنهنجي ٻارن ڪان لڪي پيالو پيئڻ ناهي ڇڱو.
٢- پاڻ ۾ ونڊي ورهائي فائدا ڪائڻ ڪپن،
وقت تي ڪنهن پڻنچ کي پلجي وڃڻ ناهي ڇڱو.

۴- نوان نوان تڪرار ٿين پيا -هڪ ٻئي مان بيزار ٿين پيا
پٺيءَ مڪي پيا امين ٿيندا -رن کي ڏسي پيا ڪندا اُپاءُ
زال مڙس کي ....

۵- مڙس زال کي هٿ پيو جوڙي -زال گهٽين ۾ پيئي ڊوڙي
چڱن چڱن وٽ دانهين ويندي -پوي انهن کي ڪو من ڪهڪاءُ
زال مڙس کي ....

٦- مڙس مٽي تي ڏڪ پيو هڻندو -ڪڪ ٿي جوءِ تان هٿ پيو ڪڍندو
وچ وارن کي وجهه پيو ملندو -ڪندا پيا پنهنجي ڪاڻ، پاءُ
زال مڙس کي ....

۷- ڪير رسڻ جي ريت کي روڪي -ڪير چوي سڀ ڇاتي ٺوڪي
سولائي سڀ ڏسن تماشو -اچي نہ ڪنهن جي دل کي تاءُ
زال مڙس کي ....

ooo

"قلم سوچي ڪڻ تون" (9)

قلم سوچي سمجهي ڪو سولائي ڪڻ تون،
ڪري سڀ جي ساراه ماڻهن کي وڻ تون.

۱- گهڻو آهيان واقف مان تنهنجي پتي جو،
سچاڻان ٿو توکي آهين تون جتي جو.
تڏهن ٿو چوان، سک ڇڱو ڪو لهڻ تون،

۲- ڇڱو ناهي پٺيءَ مکين سان ڦٺائڻ.
ڇڏي ڏي ستائڻ ڇڏي ڏي رنجائڻ،
ڇڏي ڏي وڏن تي ٺلولي ڪرڻ تون.

٣- ڪئمپن ۾ ٿئي خاطرداري
شيوا اسان جي ٿئي موچاري - ملي ٿو مزمانن کي مان
ڪٺل آهيون..........

٤- گهر ٻاري اسين ڪريون ڏياري
سمجهون سچائيءَ ۾ ٻه بهاري - سوچيون نفعو نڪي نقصان
ڪٺل آهيون..........

٥- پلئه اسان کي پيٺي فقيري
رکون ٺڏهن پيي لاٽ اميري - هٿ ۾ سگريٽ وات ۾ پان
ڪٺل آهيون..........

٦- قسمن قسمن وڳا ٿا پايون
ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه دفعا مٽايون - سڙن هتي جا ڏنوان
ڪٺل آهيون..........

٧- بنان ٽڪيٽ جي ريل گهمون ٿا
ٽڪيٽ ڪليڪٽر اڳيان لنگهون ٿا- همٿ اسان جي آهي مهان
ڪٺل آهيون ....

٨- تون به چڱي هٿ سيٽ رکين ٿو
سوٽائي ڪنهن مان ڪين ٽرين ٿو - پڻنهه هجي يا ڪو پرڏان
ڪٺل آهيون ته به آهيون خان.

○○○

٣- عام ماڻهن کان نموني سان پلي رشوت وٺو،
پر اڪيلي سر رقم کائي وڃڻ ناهي چڱو.
٤- سيڪشنن جا ميمبر لهي هلندا ته ٿيندا سڀ سکي،
هڪبئي کي لائي کس، گاريون ڏيڻ ناهي چڱو.
٥- معتبر آهيو اوهين سڀ سک رکي پرچي هلو،
هيئَن پري پنچات ۾، پانهون ڪنجڻ ناهي چڱو.
٦- رامست جي واٽ سين سان رکي موجون ڪريو،
هٿ ڪري عهدو وڏو، اُبتو هلڻ ناهي چڱو.
٧- آئي وئي کي چانهه سوڏا آهجو اوطاق ۾،
ڪنهن کي ڪارائڻ بنا واپس ڪرڻ ناهي چڱو.
٨- جي اڪيلو کائيندا ته سور پوندو پيٽ ۾،
پنهنجي سوڻائي يار کان منهن کي مٽڻ ناهي چڱو.

٭٭٭

"ڪٽل تب خان" (١١)

عجب اسان جو آهي شان
ڪٽل آهيون ته به آهيون خان

١- پچر چڏيسين پنهنجي وطن جي
اجان به آهي لوڏ لکن جي - هرڪو هندي ٿيو حيران
ڪٽل آهيون..........

٢- رفيوجي يا شرنارٿي ناهيون
اسين سيبئي سنڌي آهيون - مامي نهروءَ جا مهمان
ڪٽل آهيون..........

"ڪاڪي جا دڙڪا" (13)

ٿلهه: ڇو دڙڪا ڏيئي ڊيڄارين ٿو
ڪجهه قياس نه ڪاڪا ڌارين ٿو

١- اسين سر ڪان اڳيئي بيزار آهيون، مجبور آهيون لاچار آهيون،
اسين جيئرا آهيون پر مئل آهيون، تن مئلن کي ڇو مارين ٿو!
٢- ڪن ڪير اچي ٿو تنهنجا پيري، اڇيو توسان اسانجون گلائون ڪري،
جيڪي دل ۾ هجيئي سو ٻڌاءِ پٽيل، ڇو بنان سبب جي ڌڪارين ٿو!
٣- ڇو ڌمڪيون ڇوئٽ ڏين ٿو! ڇا ڪيس ننڍڙڪو سمجهين ٿو؟
تون اڳي نه اهڙو ڪين هئين، هاڻي اُلٽا لڇڻ ڏيکارين ٿو!
٤- ڇا طاقت جو ٿيو تو تي اثر، جو ذري ذري تي ڏيکارين ڏمر،
جيڪي واعدا ڪيئه جيڪي قول ڪيئه، تن واعدن کي ڇو وسارين ٿو!
٥- توکي کهڙي طرح ريجهايون اسين، چئه سگريٽ ڪٽي ڇڪايون اسين،
سل سوناڻيءَ سان ڳالهه سچي، اکيون لال ڪري ڇو نهارين ٿو!

⊙⊙⊙

"ڪئمپ جا آفيسر" (14)

مزو ڪئمپ ۾ آهي آفيسرن کي
نکو چوڌرين کي نکو ميمبرن کي

١- هتي روز آهي حسينن جي پرتي،
جڳهه عورتن آهي مردن جي ورتي،
ڇڏو ڏک لڳو آهي اڄ چوڪرن کي!

"سگريٽن کي ساريان ويٺو" (12)

ٿلهه - سگريٽن کي ساريان ويٺو، ڪار نہ آهي ٻي ڪائي!

١- ڏن وارو جيئن ڪڏي ٿو ڏن تي
مان ڪڏان ٿو سگريٽن تي - سچ پر آهي سڙهائي

٢- چڪيان مهل تي ٻيڙي پن جي،
رکان ٿو مرضي مان پنهنجن جي - حقي بہ دل آ هرڪائي.

٣- ڪي ڪي سمجهن مست موالي،
عقل هوش کان سمجهن خالي - ڪي ٿا سمجهن چرچائي .

٤- سولو هٽان ٿو هوش اچي ٿو،
منهنجي ڪِلِڪِ کي جوش اچي ٿو - قلم ٿو بڻجي ڪاسائي.

٥- وندر کپي ٿي واندو آهيان،
هِن هَن جا ٿو چوڏا لاهيان - وٺي نہ مونکي مالائي.

٦- مکين سان منهنجي آهي ياري،
دوست اٿم نوڪر سرڪاري - هلان ٿو جن سان پنهنجائي.

٧- حق لکان ٿو حق ٿو ٻوليان،
وڏن ماڻهن جون وهيون ٿو کوليان -هلن ٿا جيکي ڏاڍائي

٨- شاعر اچوڪا گاريون ڏين ٿا،
بحث ۾ ڪين هو پچي سگهن ٿا- کن پيا ظاهر هلڪائي.

❁❁❁

"نموني سان رسڻ گهرجي" (15)

۱- رسڻ آهي چڱو، ليڪن نموني سان رسڻ گهرجي،
هميشهہ سوچي سمجهي مهل تي ماڻو ڪرڻ گهرجي!
۲- ورهين ڪان جي ڪي وڇڙيل هئا ٿيو ميلاپ تن جو اڄ،
لهڻ جو وقت هيءَ آهي ڇڏي ويڇا لهڻ گهرجي!
۳- ڏياري آئي آهي پاڻ ۾ خوش ٿيو، کلو مشڪو،
نہ هڪ ٻئي کي اڄوڪو ڏينهن پٺي ڏيئي وڃڻ گهرجي!
۴- اڳيون ڳالهيون دل تان وساريندا - لهي هلندا،
نہ منهن ۾ گهنڊ وجهڻ گهرجي، نہ ڏوراپو ڏيڻ گهرجي!
۵- مان سوکڙي ڪريان سگريٽ جي خاطر نصيحت ٿو،
مٺائي جي نہ ڪارايو تہ پاسنگہ شو ملڻ گهرجي!

(نوٽ:- 'پاسنگہ شو' سگريٽن جو هڪ برانڊ آهي)

○○○

"مهر ۽ منگهڻ" (16)

وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

۱- گذاريم سڄي رات پاسا ورائي،
ڪيم وقت پورو ٿي، هيڙي دکائي.
۲- ملي تان مونکي ٻڌائڻ جي خاطر، (ملو سُر)
مهر آيا منهنجو ڪٽولو پڇائي.

٢- نہ آفيسرن کي لياقت جي پرواھہ،
اُن حسن واري جي صورت جي پرواھہ،
ڪُلو قرب آهي هت ڪيترن کي!

٣- اگر خوب صورت ڪائي ڇوڪري آ،
تہ اُن لاءِ هردم رکي نوڪري آ،
ملي مان اچ ڪلهہ ٿو چوڻن ڇڙن کي!

٤- گھمڻ گھرجي هڪ وار راشن جو ڪاتو،
حقيقت ۾ آهي حسينن جو ڪاتو،
ڪٿي پين پيئون ڏسن پيپرن کي!

٥- نموني نموني جي آهي نزاڪت،
ڪٿي آهي شوخي ڪٿي آ شرارت،
عجب جهڙو جادو آ جادوگرين کي!

٦- جي آفيس ۾ پنهنجي ڪم سان وڃون ٿا،
تہ درشن ڪري ٿڪ سمورو پڇون ٿا،
بهي ٿا وڃون بس وساري گھرن کي!

٧- ڪي آفيسرن سان بمبئي وڃن ٿيون،
رهي رات هڪ - پوءِ واپس ورن ٿيون،
نہ آهي چنتا سندن مائٽن کي!

٨- هتي آهي سولائي ديدار بازي،
ڪلارڪ بہ راضي پٽيوالو بہ راضي،
ڏسڻ گھرجي رونشو هي آڊيٽرن کي!

✿✿✿

''سپاهي جا سخن''

''چا ڪريان'' (17)

بت ٿيو بيمار آهي چا ڪريان
دل ني غم جو آهي بار چا ڪريان-

۱- مان هيڻئر ڪنهن جون وهيون واچڻ وڃان،
تڪ اٿم ڪيئن ڪيس مان ڳولهڻ وڃان،
هي وڏو آزار آهي چا ڪريان!

۲- ڪمزور آهيان ڪيئن ڪريان پيدل پسار،
ڪيس نت ڳولهي سگهان ها بيشمار،
ٿيو وڏو لاچار آهي چا ڪريان!

۳- ڪنڊ ناهي چانهه پيو ڳڙ جي پيان،
تنهن ڪري بيمار ٿو هر هر ٿيان ،
ظالم بڻي سرڪار آهي چا ڪريان!

۴- هڪ غم پنهنجو ٻيو يارن جو غم،
معتبر ماڻهن، مکين پڻنچن جو غم،
چو ته سڀ سان پيار آهي چا ڪريان!

۵- ٿي مونکي بندوق آ مشڪل کڻڻ،
تنهن ڪري آهي ڪلن فائر ڪرڻ،
سُستُ ٿي رفتار آهي چا ڪريان!

٣- منگهڻ ۾ مچر سان ٿيا خوب ميلا ،
سڙي ۾ پچي ويئي هوا موڪلائي.
٤- اُها آئي ماڻهن جي ڇيٽي مان خوشبو،
سڄيءَ سنڌ جا باغ ويلس پلائي.
٥- محبت سان مڇرن چميو پئي بدن کي،
نشانيون ڇڏي ويا ڇڱا چڪ لڳائي.
٦- وڏي آهي سرڪار جي مهرباني،
اسان کي عجائب مزا ٿي ونائي.
٧- جي هڪ رات هت "کير صاحب" گذاري،
سدا لئه رهي پوندو بئرڪ وسائي.
٨- مڇر ٿيا سياڻا مون "سونائي" خاطر،
جو هڪ شعر ناهي ڇڏيم - ننڊ ڦلائي.
(نوٽ:- بي. جي. کير بمبئي جو مکيه منتري هو.)

○○○

٦. عيش پوءِ پي وٺي تون سگھندين،
سيج پلنگ تي سمهي تون سگھندين،
پھرين لاھ ڪي ڏوڪڙ چار!

٧. اُن جا ڪٽا اجان بہ وليندين،
اُلٽو سپاهي سست پيو ٿيندين،
آئينده جو ڪر ويچار!

○○○

"سرڪاري قاعدا" (19)

ڪڍيا قاعدا اھڙا سرڪار آھن
شرابي ڪبابي ٿيا لاچار آھن

١- خوش آھي شرابي دارون جي ڊڪ تي،
رسو چيلھ ۾ پوندس ٿوري چُڪَ تي،
منجھيا تنھن ڪري گھڻا ميخوار آھن!

٢- موالين جو ويندو ھينئر ھوش ڪسڪي،
جو ملندي انھن کي نہ برئنڊي نہ وسڪي،
سيئي بند ٿي پيا ھينئر يار آھن!

٣. پياڪن جا ھاٿي نہ چپ آلا ٿيندا،
چڪو چانھ جو پي پيا ڏڍ دل کي ڏيندا،
وڏي عادتين ڪاڻ جو ھو بيڪار آھن!

٦- ڪنهن سپاهيءَ کي پليو هوندو ضرور،
ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو هي هوندو قصور،
ڏاڍو سو ويچار آهي ڇا ڪريان!

ooo

”پنهنجو هوڻو هار“ (18)

سدا ورت ٿي ڪين گذار، اُٺي ڪو پنهنجو هوڻو هار

١. ڏوڙ مان ڏن تون ڪري ٿو ڇاڻين،
خالي ٽجوڙيون ڀري ٿو ڇاڻين،
پرشارت سان ڪجھه سار سنڀار!

٢. ڪيسين هين جي رحم تي هلندين،
اُلي جي لپ ڪيئن پيو ولنيدين،
هين متان ڇو ٿين ٿو بارا!

٣. ڪرت ڪرڻ کان ڇو ڪيٻائين،
ڇونہ اُٺي هٿ پير هلائين،
پورهيو ڪر يان ڪر واپار!

٤. شونق ڏنڌي سان لائيندين تون،
هٿ ڀي بنگلا بڻائيندين تون،
هيلان هوندءِ موٽرڪار!

٥. ڪين مفت جو راشن گھر تون،
ڏنڌي ڪرڻ لاءِ ڏن گھر تون،
وسڪي برئنڊيءَ ڏي نہ نهار!

دهل تي ڏوئونڪو

"ڏُهلاري" (١)

ٿلهه - تون جڏهن ڪاوڙ ڪري دلبر چڙهي وئين ريل ۾،
مان به آهيان وَئل ۾ ۽ دل به آهي وَئل ۾!

١- توکي ڳولڻ واسطي اِٽيشن تي آيس دلربا-
پر نه مان ڳولهي سگهيس رش هئي ڪا پونا ميل ۾!

٢- مان چڙهي گاڏيءَ ۾ ويئس، پر ٽڪيٽ وٺڻ وسري وئي-
وات تي ٽيٽيءَ جهليو، موذيءَ اُماڻيو جيل ۾!

٣- جي ٿهي هلبو ته سهڻا، تون به خوش ۽ مان به خوش-
هڪ وڏو آهي مزو ميلاپ ۾ ۽ ميل ۾!

٤-هڪ وڇوڙي تنهن جي ماريو ، ٻيو ستايو ڪنگهه آ-
گيهه ملڻ مشڪل ٿيو، ٻوريون ٿيون ترجن تيل ۾،

٥- ڪيئَن سئَنيما تي مونسان، چاهه مان ڳاجي هلئَين-
اوچتو چا ٿي ويئَه - جو جهڙو ڪيئَه ڪيل ۾ !

٦- ڪئَمپ ۾ روئي ٿو دهلاري، مکين کان تون پڇ ڪٽي-
مل پڳل بئَرڪ ۾ - لهه ڪا سار اوکيءَ ويل ۾!

٥٥٥

٤. پيٽ وارا دل ۾ سڙن ٿا پچن ٿا،
جي هيراڪ آهن سي ڳاريون ڏين ٿا،
لڳا خار بازن کي وڏا خار آهن!

٥. ٿئي پئي هاڻي اڳهن تي عنايت،
مريضن کي پرمٽ ڏئي ٿي حڪومت،
گهڻائي ٿيا پرمٽ لاءِ بيمار آهن!

٦. ڪيون ڳيت سان بوتلون جن ٿي خالي،
سپاهي منهنجي پيا سي موالي آهن،
ڇڳيون تن کي ڳٽيون ۽ ويچار آهن!

○○○

١١-ديد دل جي آهه تو وٽ ۽ اٿئي نوري نگاهه،
يار کي ڳولهڻ جي لئه تنهنجي نرالي آهه راهه.
١٢-تون زماني کي نرالي روشني بخشين پيو،
جي مئل آهن انهن کي زندگي بخشين پيو.
١٣-تنهنجو هر نقش قدم گمراهه لئه تو منزل ٿئي،
تنهنجي پيروڪار جي تن لئه دور هر مشڪل ٿئي.
١٤-هڪ عجب جهڙو سمايل سادگيءَ تنهنجي ۾ راز،
ناز وارن کي جهڪائي تو سچڻ تنهنجو نياز.
١٥-تنهنجي دم سان باغ دنيا ۾ اچي لطف وسرور،
تون اُهو گل جنهن جي خوشبو ڦهلجي ئي دور دور.
١٦-چاهه چيتن سان رکين ۽ نينهن تنهنجو نام سان،
تون نه گهر ويلي سجڻ ريڊو رهين تو رام سان.
١٧-مرحبا جو تو ڪئي آهي ديا ديدار جي،
لي اسان کي خاص بخشيش آهي تنهنجي پيار جي.
١٨-آرزو آهي نه تنهنجي عمر ٿئي شل بيحساب،
جيئن زمانو زندگي تنهنجيءَ منجهان ٿئي فيصياب.
١٩-سنڌ جا درويش دلبر تو اڳيان پرڻام آ،
ضيا تو وٽ آتمڪ ڌن جو خزانو جام آ.

٭٭٭

"دادا واسواڻي"

١-سنڌ جا درويش دلبر تو اڳيان پرڻام آ،
علم جو ۽ گيان جو تو وٽ خزانو جام آ.
٢-تون فقير آهين مگر آهين اميرن جو امير،
بادشاهن کان بہ تنهنجو شان آهي بينظير!
٣-پير تنهنجا فرش تي پر عرش تي تنهنجي اُڏام،
آسماني راز دنيا ۾ سلين پيو عام جام.
٤-واسواڻي تنهنجي واڻي جڻ هڪ هڪ الهام آ،
هر وچن تنهنجو سچو سنسار لئہ پيغام آ.
٥-جهڙو تنهنجو نانءُ نوري، تهڙو ئي تو ۾ نور آ،
تنهنجي منهن ۾ شان سبحاني سچڻ ڀرپور آ.
٦-پريم جو امرت زماني کي پياريندو وتين،
سڪ جي سُرکي سان جڏا، جانب جياريندو وتين.
٧-انيوي ساگر منجهان پيو گيان جا گوهر ڪڍين،
راهہ گمراهن جي لئہ ڳولهي پيو رهبر ڪڍين.
٨-ساڌو آهين تون سچو ۽ ساڌنائن جو ڌڻي،
جوڳہ تو ڪيئي ڪيا، جوڳي تنهنجي مهما گهڻي.
٩-تون تہ هردل جي اندر دلدار کي ويلو ڏسين،
تون غريبن جي گهرن ۾ يار کي ويلو ڏسين.
١٠-تون تہ شيوا ۾ سچي سرڪار کي ويلو ڏسين،
تون تہ پراُپڪار ۾ ڪرتار کي ويلو ڏسين.

"سائين ڪنوررام"

ٿلهه - نر ٻه رنو ٿي، ٻڍي رنو ٿي ٻار رنو!
جوڳا ماندا محب ٻنا سڀ هندوءَ مومن زار رنو!

١- پڻي ڪڍيا ٿي پار پرينءَ ملڪن ٿي ماتام ڪيو،
عرش فرش تي آهون دانهون - ڪنور ڪنور ٿي عام ڪيو!
٢- ويراڳي ته وهان ۾ ويهي ويهي - دلبر ٿي ويو دور،
ڏڏڪا پهتا دل وارن کي - ورهه ڪيو وهلور!
٣- اکڙيون آليون اٻلائن جون - وڏوائن ورلاپ ڪيا،
نير وهائن نياڻيون نماڻيون آهه پريا آلاپ ٿيا!
٤- لکن هزارين جي ڪنڌن تي - سنت جو آهي سرير،
دل سان ارٿي اچي رهي آهن دليون سيڻَي دلگير!
٥- دعا ولي درويش کان خونين ڇوه مان هنئي اُن کي گولي،
گهاو سهي گولين جا تن تي - هوت ملهائي خون جي هولي!
٦- رام نام جا اکر ڪنيائين ويو ولائت وڻجارو،
سڪ جا سودا ڪري سوداگر- پرين کي پهتو پيارو!
٧- جر وارن جو جان جگر هو -"ضيا" سنڌ سڄيءَ جو ساهه،
گلن اندر هو ته گل گلابي تارن ۾ هو ماهه!

○○○

"ڪنور رام"

ٿلهه- پوين ياد ٿو پل پل يار ڪنور،
لڙيو لڙڪ پون لڪ وار ڪنور!

١- مُنهن نچي نچي تو نمايو ٿي،
ملي سر سان مست بڻايو ٿي،
اڄ ساز به چپ آواز به چپ،
نه ڪي جادوءِ ڀري گُفتار ڪنور!

٢- تنهنجي شڪل نمائي نٿي وسري،
تنهنجي قُرب ڪهائي نٿي وسري،
او جر وارن جا جان جگر،
تنهنجا پور پون ٿا هزار ڪنور!

٣- تون هِتِ ناهين نه به ياد آهين،
هر دل جي اندر آباد آهين،
جيسين اُڀ ۽ ڌرتي ضيا قائم آهي،
تيسين تنهنجي رهندي پچار ڪنور!
(سڀ ڪي تنهنجي رهندي سار ڪنور)

٭٭٭

١٠-شيوا ڦربائيءَ ڪري نالو سندس پيو ڳائجي،
تنهن ڪري ڇو ڪين هنڪي هر طرح همٿائجي.
١١-جادوگر ٻيا ٻي گهڻا، هن جي طبيعت ٻيءَ طرح،
هن جي عادت ٻي طرح هن جي خصلت ٻيءَ طرح.
١٢-ڇانهه ٻيڙي ماس کان ۽ چلم کان چڙ ٿي اچيس،
جي ڏسي ٿو ننگو فئشن، جوش ٿو ڏاڍو وٺيس.
١٣-ڏيتي ليتيءَ کي ڏسي ٿو ڏيل هاسل جو ڏري،
اُن کي ٽارڻ واسطي پيو ڪوششون ڪيئي ڪري.
١٤-گهمندي ڦرندي اُٿندي وهندي سڀ ٻڌائيندو وتي،
ڌرم جا ۽ ديس جا نعرا لڳائيندو وتي.
١٥-هند جي جادوگرن هن کي ڏنو آهي خطاب،
سنڌ جو هيءُ جادوگر هر فن ۾ ڪامل ڪامياب.
١٦-لولڪا هن جا نرالا لوڪ هن جي رس ڀري،
شاعري هن جي عجائب، خلق ٿئي جنهن تي چري.
١٧-هن جي کيلن کي ڏسي راجا ٿيا گهڻا حيران،
ٻاپوجي ۽ ٻيا گهڻا اڳوان ۽ ودوان ٿيا.
١٨-اڄ اسان سنڌين کي پروفيسر مٿان ٿيو ناز آ،
هنجي سيني ۾ لڪل جادوگري جو راز آ.
١٩-شل اجان ٻي هيءُ، ضيا وڪه کي وڌائيندو رهي،
دل ۾ جو مقصد اٿس، مقصد کي پائيندو آهي!

○○○

"هاسانند جادوگر"

ٿلهه-جادوگر ڪيئي ڏٺم، هاسل مگر نيارو ڏٺم،
پروفيسر هر قوم ۾، هر ذات ۾ پيارو ڏٺم.

١- هٿ ۾ جادو، اک ۾ جادو، گفتگو جادوءَ ڀري،
من جي هر چرپر ۾ آهي هڪ عجيب جادوگري.

٢- پيو ڀري جادو پنهنجي تقرير ۾ تحرير ۾،
ورلي اهڙي ڪا ڪرامت هوندي ڪنهن ڪنهن پير ۾.

٣- ڏن به ناهي نه به پيو سڏجي هو روپين جو بادشاهه،
منت ۾ مايا پيو لاهي، نوٽ لاهي پيو اٿاهه.

٤- جادو ڏيکاري پيو، سکيا به ڏيندو ٿو رهي،
وندر سان گڏ عام کي نيڪيءَ ڏي نيندو ٿو رهي.

٥- ملڪ جي آزاديءَ لئه گهر ٻٽا يار جيل ۾،
چو نه پنهن جي ديس پياري کي ڏنائين ٿي وَيل ۾.

٦- ڀرم ڀولي، لوٽي ڦيٽي جا ٿو لِڙِ ڌاهي ڇڏي،
ستيه وديا جي سمجهه سان ڪن ۾ لپي لاهي ڇڏي.

٧- گرهست ۾ اڄ ڀي رهي ٿو آهي پر سچ پچ فقير،
حق هڏائي ٿو سڀن کي پر لڳن ڪن کي ٿا تير.

٨- من للائي لڪشمي، ڏيءُ لڪشميءَ جي نام تي،
ساهتيه پڙرو ڪري، احسان ڪري پيو عام تي.

٩- هاسانند معني هسائي اندر کي آنند ڏئي،
تنهنڪري سڀ جي خوشيءَ خاطر ٿو دنيا ۾ جيئي.

٣- ڏسڻ ۾ نہ آيو پئي ڪوئي تفاوت،
سندن منهن مان چلي ٿي بيحد محبت!،

٤- اکين سان ڏٺوسين نئون شهر پنهنجو،
عجائب ڏسڻ ۾ ٿي آيو شان جنهن جو!،

٥- ڏٺاسين سيل اُتي بيابان برپٽ،
جتي سڀ هئي اتي کلي ويا چڱا هٽ!،

٦- مزي سان ڪيون پئي مزورن مزوريون،
ٿيون ٿي گهرج وارن جون گهرجون پوريون!

٧- عملدار، منشي، پٽيوالا ، اِنجنير،
ڏسڻ ۾ چڱا جاچڻ لئہ آيا سرويرا،

٨- ڪي لوهر ڪي واڍا ڪي موچي ڪي نائي،
پساري بڪالي ڪي ڏٺم نانوائي!

٩- سيئي مست ڪمن ۾ نہ هو ڪوئي واندو،
نہ روليء جي چنتا ۾ من ڪنهن جو ماندو!

١٠- نہ هت آهي واندي وهڻ جي اجازت،
نہ سستن کي آهي هت رهڻ جي اجازت!

١١- هزارين لهن پيئيون مزيدار جايون،
ڪراچيء جهڙي رکن پيا صفايون!

١٢- ڪيون پنهنجون بجلين ٿي بيحد پلايون،
انڌڪار جت هو اتي ٿيون روشنايون!

١٣- جي ڪنڌلا جو بندر لهي راس ٿيندو،
ڪراچيء جو بندر پيو ڏوراپا ڏيندو!

"گرونانڪ جو جنم"

فلمي طرز: ديوالي ٿر آ گئي سجني،
ٿلهه: نانڪ شاهه تو جهولي ۾ جهولي!
ملي سڀ گيت گروءَ جا ڳايو- نانڪ شاهه....

۱- ڪالوءَ جي گهر جنم ورتائين، ڏيا خوشيءَ جا سعايا،
عرش مٿان سڀ سچ کنڊ واسي، پشپ وسائڻ آيا،
اندر لوڪ جي راجا اندر پيي،هو مهر جو مينهن وسايو! نانڪ...

۲- ديو لوڪ مان پينگهو آيو برهم لوڪ جو ڏاڍو،
اندر واسين لولي ڏني تي آيو وقت سڀاڳو،
ستگر جو مک ڏسندي سڀ کي آنند ڏاڍو آيو! نانڪ...

۳- پيشاني تي جنهن جي بکي ٿي ستنام جي واڻي،
تيج انهيءَ جو ويا ڏسي سڀ سنت سڄاڻ سچائي،
گهر گهر ۾ آنند ته وري ويو لايو ضيا ٿيو سجايو! نانڪ...

OOO

"گانڌيڌام جي ياترا"

۱- سماپت ٿي حد نيٺ گجرات واري،
جهازن نندن تي ڪئيسين سواري!

۲- اتان ڪان شروع ملي ڪڇ جي ٻولي،
هئي سنڌ جهڙي سوادي ۽ سولي،

۲۵- ملي پاڻيءَ جا کوھ ڏٺاسين گھڻائي،
کٽي مٽ کڇاڻين جي ٽولي پئي آئي!
۲٦- حياءَ سان ھليون پئي ڀري خالي مٽڪا،
ھئي سونھن ۾ نہ ڪائي گھٽ ڪا!
۲۷- سيئي ماڻھو سادا ڇو ته سادگي ھئي،
نہ چوري نہ زوري نہ ڪائي دکي ھئي!
۲۸- ڏٺوسين گھمي شھر انجار سارو،
نظر مان ڪڍيوسين پئي واپار سارو!
۲۹- ڇو ته آھي رَونق ڇو ته آھي بازار،
ڇو ته آھي شھر ڇو ته آھي واپار!
۳۰- سڄو ڏينھن گجرون پپھيا ڇرياسين،
گھمي ڪاٿي پي شام جو گھر ورياسين!
۳۱- اسان جيڪي کاڌو سو سڀ ھضم ٿيو،
نہ بدھاضمي جو ڪڏھن ڪوئي غم ٿيو!
۳۲- ٿي پيتوسين پاڻي- تہ امرت پيا سمجھون،
مٺو اھڙو ھو جو شربت پيا سمجھون!
۳۳- اسان کي ور ور ڪري ٿي بکہ ستايو،
رسوئي کي اُن ڳالھہ ڏاڍو منجھايو!
۳۴- ھو ويچارو ٿلڪا پچائي ٿڪي پيو،
نہ تڏھن بہ پرديسيءَ کي ٿي ڍءُ ٿيو!
۳۵- اھا ھئي ڪنڊلا جي جل جي ڪرامت،
ھوا ۾ جو ھئي آھي ھل جي ڪرامت!

۱۴- ڏيو ڏينهن پورو ۽ آئي رات ڪاري،
ڪئي يارن سپني سمهڻ جي تياري!
۱۵- حوالي ڪئولن جي سڀ ڏياسن،
سمهڻ سان سپنن جي دنيا ۾ پياسين!
۱٦- هوا هئي مزيدار ۽ پاڻي مزيدار،
نه هو منگهڻن جو آزار نه ميڙن جو آزار!
۱۷- نه هٿ ڪنهيا ڏي لنگون ٻانهون گوڏا،
ڪنهي ڪنهن بدن جا نه لاٿا ڏي چوڏا!!
۱۸- هئو ميل ميلاپ ۽ سڪ هئي سوائي،
نه ڪلياڻ جيان هئي ڪا مکين جي لڙائي!
۱۹- نه عهدي جو ڪنهن کي هو ويچار ڪوئي،
وڏي ۽ ننڍي جو نه تڪرار ڪوئي!
۲۰- صبوح ڏيوته انجار گڏجي هلياسين،
سيئي ٽرڪ هڪڙي ۾ گڏجي چڙهياسين!
۲۱- نظر آيون گس تي قطارون وڻن جون،
لُڏيون پئي مزي سان ٽاريون اُنهن جون!
۲۲- ڏٺا وڻ ڪجين جا هئا هزارين اڪثر،
ڏسڻ ۾ پئي آيا ڪي ماڻهون قداور!
۲۳- عجائب نظر آيا وٻري جا چشما،
ڪريان ڪهڙي مان تن چشمن جي مهما!
۲۴- ٿي ازغئبي پاتال مان پاڻي پئي آيو،
ورڻ ديوتا پال پنهنجو پلايو!

٤٧- ڪو پائي اَڪو- ڪو سڪائون پيو پاسي،
دِيا پنهنجي دولهه ڪئي ڪَنهِن پاسي!

٤٨- وني اَئونچلي پياسَ سيني متائي،
چڙي موج هڪ ڊِڪ سان من کي آئي!

٤٩- گهمي ڦري هرڪو آيو موٽي،
اچي ڪاٽي سيني مزي سان روٽي!

٥٠- اُڏيري جي مندر ۾ ڏاڍا پچن ٿيا،
دڪايل چوهڙرام جا ڪيرتن ٿيا!

٥١- ضيا شعر پنهنجو زباني سڻايو،
چڱو تي واهه واهه جو آواز آيو!

٥٢- سماپت جڏهن ٿيا ڳانا بجانا،
پلئه پائي ٿيا دوست گهر ڏي روانا!

٥٣- چڱو لطف ڪنهن ۾ طبعت کي آيو،
اُتي جي هوا مونکي ڏهه ڏينهن رهايو!

٥٤- چيمر دل ۾ تہ رهي پوان مان هت،
بندوق پنهنجي گهرائي وٺان هت!

٥٥- هتي نوان شعر پيو روز جوڙيان،
قلم جي بندوق پيو يارن تي ڇوڙيان!

٥٦- مگر ياد اُت آيا ضيا ڪلياڻ وارا،
جو جدائي سهي ڪين سگهندا سي سونهارا!

OOO

٣٦- نرالو هي گانڌي سندو ڏام آهي،
مان سمجهان ٿو هت خود رام آهي!
٣٧- هئي ڏينهن لڳو هو چيٽي چنڊ جو ميلو،
خوشي جو سمو هو -وندر جو هو ويلو!
٣٨- نئين سر کلي پيو لعل اُڏيري جو مندر،
لڌي لال سائين پيو جهولي ۾ اندر!
٣٩- گهٽا لال سائين جا جاني اچي ويا،
محبت جا ميلا اُن دم مچي ويا!
٤٠- ڪو آسائو آيو ڪو پوڄاري آيو،
ڪٽي سر تي بهراڻو تي گهر گهر گهمايو!
٤١- ڪٺي ڍُهل ڏونڪا وڄائي هليا ٿي،
نچي پاڻ ۾ ٻيا ٻہ نچائي هلياٿي!
٤٢- خوشي مان نچي ٿي پائي پرتاب جي دل،
تہ سائين سمجهي ڪئي دور مشڪل!
٤٣- ڏلم جوان هڪ جوش اُتساهہ وارو،
سندس نالو ڀڳوان هو جانهہ وارو!
٤٤- ڳچي ۾ وجهي ڍهل ڳائي رهيو هو،
ورڻ ديوتا کي مڃائي رهيو هو!
٤٥- سيئي دوست آياسين شينائي ڏنڊ تي،
سواري امرلعل جي آئي ڏنڊ تي!
٤٦- سنڌو جهڙو اُن ڏنڊ جو پيٽ هو،
ڏلوسين تہ ويهہ فوٽ ڪل هيٺ هو!

"جنم ڏينهن رام پنجواڻي"

١- شوق جو جذبو چوي ٿو ڪلڪ ڪڻ،
لک انهيءَ تي جنهن تي سونهين ٿو لکڻ،
ڏڻ انهيءَ جو آهي دنيا ۾ جمڻ،
جو سجايو پيو ڪري پنهنجو جيئڻ،
اڄ جنم ڏينهن آهي اهڙي يار جو،
جو رکي سڀ ٿو رستو پيار جو!

٢- جنم ڏينهن مبارڪ آهي پياري رام کي،
نوجوان ۽ ناميا ري رام کي،
قرب واري، درد واري رام کي،
هڪ نرالي ۽ نياري رام کي،
عمر ٿئي دنيا ۾ دلبر جي دراز،
شل ڪري ظاهر سدائين سوزوساز!

٣- داستان دردن جا چيڙيندو وتي،
جابجا نت مست ميڙيندو وتي،
راڳ رودن جا ٿو ڳائيندو وتي،
مئي محبت جا مچائيندو وتي،
مست ٿي مستن جا ڳائي پيو ڪلام،
زهد وارن کي به جهومائي مدام!

”مرلي منوهر جي“

ٿلهه - وينو بنسي شام وڄائي جمنا ڪناري

من مرليءَ تي ٿو لڀائي...جمنا ڪناري!

١- ڪوئي ڇوي هيءَ بنسي ڌر آ،

ڪوئي ڇوي هي جادوگر آ،

سڌ ٻڌ ٿو سڀ جي ڀلائي... جمنا ڪناري!

ڏوهيڙو - اهڙي وڄائي مرلي مٺي سر سان شيام مُرار

ڇقمق وانگر ڇڪجي آيون گوپيون ڇڏي گهر ٻار

٢- سکيون ويليون ڀاڻ وساري

بين تان پنهنجو تن من هاري

ويليون چرنن ۾ چت لائي ..... جمنا ڪناري

٣- مرلي ۾ هئو اهڙو ٻل

مست ٿيئو خود جمنا جو جل

”ضيا“ ڇڏيو آ لڄ للچائي... جمنا ڪناري

⚙⚙⚙

کون دل جو هوُ پين ويلا ۽ غم کائن ٿا.
٦-ڪيترن جي زندگي آهي تباهي تي رسي،
ته به چون وس وارا ته سنڌي سڀ ويا آهن وسي.
٧-ڇاچون ڪنهن کي چون، ڪوئي هڏ وارو نه آ،
دردمندن کي ڪوئي آٿت ڏيڻ وارو نه آ.
٨-هڪ ڪئي بيروزگاريءَ، هاءِ ستياناس آ،
ٻيو وري مسواڙ جو اڄ قاعدو ٿيو پاس آ.
٩-اڄ وچولي درجي وارا ڪيترا بک ٿا مرن،
شرم کان مجبور ٿي هوُ ڪين ڪنهن کان ڪجهه گهرن.
١٠-اُت اُٿي ساڌو سچا سرڪار کي سمجهاءِ تون،
شاهوڪارن جون لجوڙيون اُت اُٿي کولاءِ تون.
١١-جنکي ڏن آهي هٿن ۾ هت ڪارخانا سي وجهن،
جيئن وڏي ويجهي نگر ۾ ماڻهو ڏنڌن سان لڳن.
١٢-بت اَٿئي نرمل برابر پر اٿئي اندر جو ٻل،
پيرسن آهين مگر جذبو تنهنجو آهي اجهل.
١٣-آتمڪ ٻل ساڻ مشڪل عام جي آسان ڪر،
قرب رکه ڪلياڻ وارن سان، مٿن احسان ڪر.
(آس تو ۾ جن رکي تن مٿان احسان ڪر،)
١٤-تنهنجي چرنن ۾ ضيا وينتي آهي اها،
تنهنجو پرشارٿ ڪپي ۽ تنهنجي گهرجي دعا!

○○○

۴- جنهن جي دل ۾ عشق آهي بي پناهہ،
سو ڪري ٿو سِرُ اندر ۾ اٿاهہ،
جنهن کي ستگر بخشي ٿو سوکيم ڏاهہ،
تنهن لئہ "ضيا" روشن ٿيو پوي راهہ،
عشق ايئن ميل آهي يا ومان،
ٿو گهمائي منٽ ۾ ست آسمان!

❁❁❁

"دادا ٽي. ايل. واسواڻي جو سنڌونگر ۾ سواگت"

۱-تون پلي درويش آئين آهي خوش سنڌونگر،
تنهنجي درشن واسطي هرڪو رهيو ٿي منتظر.
۲-خاص پوني مان کهي درشن ڏيڻ آيو آهين،
جي رئن ٿا تن جي ڳوڙهن کي اُگهڻ آيو آهين.
۳-هڪ دفعو سنڌونگر جا گهر گهمي دلدار ڏس،
فاقہ هستن، بدنصيبن کي هلي هڪوار ڏس.
۴-توکي زندهہ لاش گهر گهر ۾ گهڻا ايندا نظر،
منهن ۾ مايوسي چپن تي سرد آهون، چشم تر.
۵-ويلي ويلي تي هوُ روڻيءَ لاءِ واجهائن ٿا،

٧- گدڙ پڇي ويو ء اُٺ هٽ آيو -
كيٽ وارن اُٺ اُٺ کي ورايو-
پيئي ويچاري اُٺ تي مار - هن پر....
٨- مار کائي اُٺ پلٽي موٽيو -
ٻوڙيندو ٻوڙيندو پاڻيءَ ۾ پيو-
گدڙ اُٺ تي ٿيو سوار - هن پر....
٩- هڪ ڀيرو ٻئي جڏهن وچ سير ۾ آيا -
ٻه - لي اکر اُٺ هي فرمايا
ڏانهون چوٿي ڪيئه مردار - هن پر..
١٠- گدڙ وراڻيو هڏو حقيقت -
ڏو ۾ اونائڻ جي ٿم عادت-
عادت مون کي ڪيو لاچار - هن پر...
١١- اُهو هڏي اُٺ غوطو ماريو -
گدڙ خوف کان اُتي پڪاريو-
کهڙي ڪريو ٿا سائين ڪار - هن پر...
١٢- اُٺ چيو هڏ سوڊل سياڻا-
مار کيا ٿم سڀ لڳ ساڻا-
لهي ڏيڻ سان پوي ڪو ٺار - هن پر...
١٣- مار جڏهن کائيندو آهيان -
لهيون تڏهن مان ڏيندو آهيان-
آهي پراڻي عادت يار - هن پر....
١٤- ائين چئي هڪ لهي ڏنائين -
دغاباز کي ٻوڙي ڇڏيائين-
هن مان ڪڍ نصيحت هار - هن پر....

''خاص ٻارن لاءِ نصيحت''

اُٺ ۽ گدڙ جي ڳالهه

ٿلهه- گدڙ چيو اُٺ کي : او يار، نديءَ جي هن پر آهي ڳنو تيار!

١- ڪمند ڀليرو ڪائڻ جهڙو -
وري نه ملندءِ وجهه ڪو اهڙو
نديءَ کي ڪرڻو آهي پار - هن پر.......

٢- ڪمند ھڏي دل اُٺ جي سرڪي -
گدڙ جي ڳالهه تي ويلو هرڪي
ڳهڙي گهيڙ ۾ پيو اُن وار - هن پر...

٣- گدڙ چڙهيو اُٺ تي ٽپ ڏيئي -
پار وڃي سي پهتا ھيئي
ڳنو ڏٺائون اُتي اَپار - هن پر....

٤- اُٺ پاڻيءَ مان نڪري جيسين -
ترسيو ڪانه گهڙي ڪا تيسين
بکه گدڙ کي ڪيو لاچار - هن پر...

٥- ڪمند ملو هو پئي ڪاڏائين -
ڪائي پنهن جو پيٽ ڀريائين
ڪانه لڏائين سنگتيءَ جي سار - هن پر ..

٦- پيٽ ڀريائين ۽ اونايائين -
وڏا وڏا آواز ڪيائين
کيت جا مالڪ ٿيا هوشيار - هن پر....

سرڳواسي پرسرام ضيا صاحب
جا ڪاويه پستڪ موجود

١) رگ ويد جا چونڊ شلوڪ ڪوتا ۾.
٢) سري سکمني صاحب اصلي ۽ ترجمو ڪوتا ۾ ڇاپو ڏهون. ه
سکمني ڀيڻ ڀڳونتي ناواڻي سندس مڌر آواز ۾ ڳائي ڪئسيٽ ڀرا
٣) سري ڀڳوت گيتا اصلي ۽ ترجمو ڪوتا ۾.
٤) سري جپ صاحب اصلي ۽ ترجمو ڪوتا ۾.
٥) سري نائين محلي جا سلوڪ اصلي ۽ ترجمو ڪوتا ۾.
٦) روحاني رهبر - پرارٿنائون. هڪ مهني جون هرهڪ تاريخ جدا
پرارٿنا.
٧) باغ بهار - ٻارن لاءِ گيت ڀارت سرڪار وٽان انعام مليل.
٨) گيت برهه جا - مشهور گيت ڪلام ضيا صاحب جا رچيل جن
ماستر صاحب چندر سنڌ ۾ ڳائي رڪارڊ ڀرايا هئا.
٩) آلاپ ضيا - ٻيون ڇاپو (چونڊ رچنائون شعر).
١٠) پيغام ضيا - اڻڇپيل رچنائون جدا جدا پهلن تي ڀاڱو پهريون.
١١) ٽماهي رسالو پهريون انڪ ”ضيا“.

مٿيان ڪتاب موجود اسان وٽان ملي سگهندا فون ڪرڻ
تي يان خط لکڻ تي وڌيڪ روبرو ملاقات سان

پرڪاشڪ : نارائڻ پرسرام ضيا

ضيا ساهتيه مالها

الهاسنگر فون 549027 (911) ، SU01027

'قربدار ضيا'

قربدار ضيا، محبوب ضيا، منهنجو رفيق ضيا، سدا امر ضيا. سان ساڻس سنيهه ڀريو سنبنڌ هو. اُن سنبنڌ وڏيڪ هڪ ٻئي جي ويجهو آندو. ضيا صاحب جا گيت، غزل، شعر ۽ منهنجي زبان ڀڳهي جو مڌر ميلاپ ٿصا ۾ عجيب لطف پيدا ڪندا هو. هو ا. قرب جو ڪنل هو. سندس ڪلام ۾ درد هو ٿڌهن. سان گڏيو سوز ڀريو سنگيت. سندس قلمبند سوين گيت هز ماسٽر وائيس وارن مون کان رڪارڊ ڪرايا.

ضيا صاحب وڏي شخصيت جو مالڪ هو. پر سدا سباجهو، نماڻو ۽ لچاري سڀاءُ وارو شخص هو. سندس ڪاوش، ڪيتر ۾ ڪيل سيوائون بي نظير آهن.

وساري سان نه وسرن ٿيون
پنهنجي محبوب جو ڳالهيون
سدائين ياد سي رهنديون
محبت ڀيار جون ڳالهيون

— سنگيت آچاريه ماسٽر چندر